# پَتَڻَ جُون

# پُڪارون

[شاعري]

ع.غ تبسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

پنهنجيءَ لاڏليءَ ڌيءَ ساره غفار
پنهنجي ڪتنب جي پنهنجين
ٻن نُنُهن شمائلا جبران،
نيلم ارسلان ۽ ننڍڙيءَ پريءَ
جهڙيءَ پوٽيءَ عماره جبران جي
نالي،
جن مان پڻ آس اٿم
ته سي پڻ هن يٽ ڏٽيءَ جي
پونءِ ۾ اُن ۾ رائج سنڌي ٻوليءَ
کي سنواري سينگارڻ ۾ پنهنجي حصي جو
اهم ڪردار ادا ڪنديون.


Scanned with CamScanner

# فهرست


- اداري پاران — موهن مدهوش 7
- جو دم هئس جيئري — ع.غ. تبسم 8


## پنڻ جون پڪارون


- ٽانڊن تي ڪنهن نچايو 11
- پاڇاٽيون موسمون 14
- ويڇن جي سرد رات 19
- ڳڀيل خواب 23
- سرءُ رات جو پيلو چنڊ 29
- هوائون اجان ٻيي چون ٽيون ترانا 36
- پوڙهي پپل کي ٽيڪ نہ ڏي 39
- پنڻ جون پُڪارون 41
- وڏوها وڏو جو اجان پنڌ آهي 43
- ۽ بينچ تي وينل مان 45
- ابنِ آدم جو سفر 48
- ٻڳلِ تلهہ ۾ زنگيل گهنڊ 56
- ڪارونجهر ٻُري پيو 65
- مگر جڏهن مان جُهور ٿيان 69
- ماٺهوءَ جو مانُ ۽ مريادا 73
- ڇيڇنيا جو هر ڇوٽو 76
- وٺو متان ڪِري پوان 78
- مَنُ جنم جنم کان اڃيارو 80
- اُستاد! آئون ڪيئن مڃيان 84
- ناڇُو جا نغما 88


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| – خيال جو صحرا | 90 |
| – آجيائڻ ۾ ڦيھجندڙ اکيون | 92 |
| -- قانون جو ٻھروپ | 93 |
| – او پرين! شل اچين | 99 |
| – پتين تي لکندو وتان | 101 |
| – تاسي ھرڻي پل پياسي ھجي | 103 |
| – مُند، واءُ ۽ جھمڪيون | 105 |
| – چنڊ، سمونڊ جي ٻانھن ۾ | 106 |
| – نئين صبح جي آجيان | 107 |
| – توکان ڏور وڃڻ تو چاھيان | 109 |
| – مان چاٽان تو | 111 |
| – دَر بند ڪري ڇڏ | 112 |
| – تو پيرن ۾ جھانجھر پاتي | 113 |
| – اڳيون ساءُ | 114 |
| – مون کي روئڻ ڏي | 115 |
| – وسارڻ ڪو سولو تہ ناھي | 117 |
| – توريءَ ڪيئن جيئان تو | 119 |
| – ھڪڙو صرف ھڪڙو | 123 |
| – پيئندا رھياسين | 125 |
| – خاڪ ۾ ٽانڊا، چننگون آھن | 126 |
| – ديپڪ سُرن ۾ صدائون | 128 |
| – رنڊين ساڻ ڪوٺن تي عمريون گذاري | 129 |
| – کاری | 135 |
| – نيون ڪربلائون | 138 |
| – ڏرتي سرتي | 140 |
| – دنيا جو نوحو | 143 |
| – وہ پارسا کب جنم لے گا؟ | 156 |




Scanned with CamScanner

# اداري پاران

سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾، شيخ اياز جي نالي کان پوءِ جيڪي شاعر اُڀري آيا، انهن ۾ عبدالغفار ’تبسم‘ جو نالو بہ اچي ٿو. سائين عبدالغفار تبسم کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي احساسن، اُڌمن، ڏوراپن ۽ پيار جي تخيل کي نظماڻي انداز ۾ نهايت خوبصورتيءَ سان پيش ڪرڻ جو ڏانءُ اچي ٿو. اهو ڏانءُ سندس هن نئين شاعريءَ جي مجموعي ”پتڙ جون پُڪارون“ ۾ نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي. اميد ٿي ڪجي تہ سندس هيءَ مجموعو ٻين مجموعن کان بہ اهميت ڀريو ثابت ٿيندو.

**موهن مدهوش**

حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جو دم هُئَسِ جيئري
[پنهنجي پاران]

منهنجو پنهنجن مختلف شعري مجموعن مان صرف ڪجھ نظم، آزاد نظم ڪٺي هن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ گڏ ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيئن اُهي وقتي مروج حالتن ۽ واقعن پٺاندر لکيل احساسَ، گمنامين جي غارن ۾ نہ هليا وڃن.

افغانستان، ايٿوپيا، ويٽ نام، بوسنيا، چيچنيا، عراقي ۽ ٻين ڪيترن جنگين ۾ انسان جي عام قتل کان سواءِ بہ جيڪي معروضي واقعا، الميا ۽ حالتون زندگيءَ ۾ رونما ٿين ٿيون اُنهن جو پورين سچائين سان شعري تاريخ جي صفحن ۾ رقم ٿيڻ ضروري آهي.

قومن جون سماجي، سياسي ادبي ۽ جنگي انقلابي وارتائون، تهذيبن، رسمن رواجن ۽ روين جا منفي، مثبت زوال ۽ عروج، قلم بند ٿي ڪنهن جاءِ تي يڪجاءِ هوندا تہ انسان پنهنجي حصي جي جملي ادا ڪيل ڪردار جو جائزو ۽ پڻ پنهنجي پوتاميل جو پوتاميل بہ ڪري سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سائنسي دور ۾ انساني ترقيءَ جي اجتماعي تيز رفتاري ۾ انساني ڪردار جي مجموعي يا انفرادي پستي، ڏينهون ڏينهن دنيا جي سيني سماجن جي سطحي پٽي، هُوند تہ حساس وجودن ڪي ڏوڏي ۾ ڪنبائي ڇڏيو آهي پر صرف اها آس تہ هر آنڌاريءَ ۾ اونداهينءَ رات ڪان پوءِ روشن سج ڪي اوس اُڀرڻو آهي، هر پن ڇڻ پڇاڙان ساڳين ڀنين ٻارين جي وشال منظرن ۾ ڇهڇ ساوڪون پڻ ضروري ڦٽڻيون آهن. اِنهيءَ اصول آڌار نازڪ نفيس جذبن وارو ماڻهو روز مري ۽ جِيئي رهيو آهي.

جِتي خودڪش ڌماڪن جي آوازن ۾ انساني آهُون، پُڪارون ۽ جسم جي گوشتن جون ٻوٽيون ٽڪر تي اُڏامي رهيون آهن، اُتي ڊسمبر 2011ع جي بون ڪانفرنس واري موقعي، نيو يارڪ جي وال اسٽريٽ جي وچ ۾ سرمائيداراڻي سسٽم خلاف ڏرڙو هڻندڙ انساني اجتماع پڻ روز بروز وڏي لشڪر بڻجي رهيا آهن. دنيا جي هن ڏپ هٽي ويل مڪروه، سينوارَيل، وحشي، خوني ۽ جنگي ارادا رکندڙ چند اقتداري ٽولن، هٿياربند حڪمرانن يا اُنهن جي چرچ تي ٿيندڙ روزمره جي انساني قتل عام جو آخر تہ انت ٿيڻو آهي.

ڏينهون ڏينهن مايوس ٿيندڙ ڪنهن شاعر، اديب، ليڪ، مصور، سنگتراش يا ڪلاڪار جو من انهيءَ آس تي پساه ڪڻي رهيو آهي تہ نيٺ ڪڏهن ڪُل ڪائنات ڪنهن ابهم ٻار يا مونا ليزا جي مُرڪ وانگيان پنهنجي اوصافن، روين ۽ نيتن ۾ معصوم بڻبي.

دنيا جي وڌندڙ تباه ڪن ۽ فسادي مزاجن ماڻهن سان گڏ گڏ دنيا جي امن ۽ انساني ترقيءَ جو بنياد رکندڙن نوبل انعام ماڻيندڙن جو سلسلو بہ جاري ۽ ساري آهي، پنهنجي حصي جو ٻوٽو لڳائي ڪره ارض تي ڪنهن امن ۽ انساني ارتقائن، چڱائين جي آس رکندڙ قبيلو پڻ پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندو رهي ٿو بقول ڀٽائيءَ سائينءَ جي تہ:

سُتي نہ سرندياءِ ڪرپچار پرينءَ جي،
وهامي ويندياءِ گهڙا هڻندينءَ هٿڙا.
(شاھ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تازو ڊسمبر 2011 ڌاران اسٽاڪ هوم ۾ نوبل انعام جي رکيل تقريب ۾ ٽيون دفعو ميڊيسن جو انعام حاصل ڪندڙ ڪئناڊا جو الف اسٽينمين پنهنجي انعام کٹڻ واري اعلان يعني 3 آڪٽوبر کان صرف ٽي ڏينهن اڳ گذاري ويو پر گذاري وڃڻ کان اڳ هو ڪائنات ۾ پنهنجي هئڻ جو حصو ڏيئي اجتماعيت جي فلاح ۾ هٿ ونڊائي امرتا جي تاريخ جو حصو بڻجي ويو آهي.

هن دردوندي جي ديس جي سينڌ سنوارڻ لاءِ جي اسين به پنهنجي پنهنجي حصي جو سچاڻ يا هاڪارِي ڪردار ادا ڪرڻ جو وچن ڪنديءَ اگر اسين به پنهنجي وجود جو ڪارج سمجهي ڪو قومي تعميري، اخلاقي، معاشي ۽ سماجي بهتريءَ جو پارٽ ادا ڪيون ته ڏينهون ڏينهن زوال ڏانهن رُخ ڪرڻ بدران، اسين اجتماعي طور پنهنجي سماجي پستين ڏانهن ڪهندڙ وکن کي روڪي، هن پيڙهيءَ جي سهٽيءَ پُونءِ جي سينڌ سنوارڻ ۾ اهان به اهم ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا.

هڪ پونءِ پرست شاعر هئڻ جي حوالي سان مان پنهنجيون هي سٽون ورجائيندس ته:

دردن ۾ ٻڏل ديس جون درديليون ڪٿائون،
سوچيندو رهيس، عيد جو ڏينهن گذرندو رهيو.

آخر ۾ وري به بس ايترو ئي چوڻو آهي ته:

پلئه پايو ڪڇ، آچيندي لڄ مران.

-ع.غ. تبسم

12 ڊسمبر 2011ع
حيدرآباد، سنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٿانڊن تي ڪنهن نچايو

ميءَ جو ڀريون پيالو
ڀرئين پيار جون ناڪاميون
اندر ۾ گڏ لهن ٿيون
ٿهرن جي جنگ ٽئي تي.

سوچڻ لڳان ٿو جڏهن
قالب جوڙيو ويو پئي
تبسم واري سانچي ۾
ڪوئي روح جڏهن گهڙيو پئي
تڏهن يا تنهن کان اڳ ۾
سارا ڀاڱ، بدنصيبيون
زندگيءَ جي هر گهڙيءَ جي
ڏک سک، اُڏيءَ، ڪُٽيءَ جي
منهنجي هر جزا، سزا کي
اڻ مٽجندڙ لِکئي سان
جڏهن لکيو ويو هو
تہ پوءِ عاشقيءَ لئہ ازخود
آماده ڪيئن ٿيس مان
مان ڪيئن مڃيان حسن جي
هن ٻو ڌاري خنجر کي
پاڻهي اچي ڪِريس مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي اِئين نہ هو تہ لاشڪ
ڪوئي تہ هو جنهن مون کي
منهنجي ماس، هڏ ۽ چم کي
جانڊهہ جي ٻن پُڙن ۾
منهنجي روح سوڌو جسم کي
محبت جي چيچڙن ۾
ڪنهن پٺي يڪو پيڙايو
مون کي عاشقيءَ جو حِظ ڏئي
سونهن تي چَڪن ٽيڙ جو
دانستہ ڪو غرض ڏئي
بي خود بڻائي مون کي
ڪنهن لڳيءَ جي لست اربي
مون کي ڪنهن تماشو ڻاهيو
مون کان زندگي پڇي تي
ڦهرن جي جنگ ٿئي تي...

منهنجو ساريون آشنايون
بي حساب پوڳنائون
ڀهڙي جنون کان تنگ تي
ايڏين ديوانگين ۾
وابستگين تي دنگ تي
وِرچي سوال ڪن ٿيون
اڪثر لڇي پڇن ٿيون
اپيچند يا عذرا جهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن کي سرس سونهن بخشي
ساري وصفين دل ۾ لهندڙ
ڪو حسين بدن تراشي
سرمد، دامق سڙي جون
ڪنهن پئي متيون منجهايون
مون کي پڻ انهن ٻنهين جان
ڪنهن جي نينهن جو رنگ لائي
بي خود بڻائي ڪنهنجين
ديدن ۽ دلبرين جون
دل ۾ ميخون جڙائي
ڪا ازل جي لوح ڏيئي
دنيا و مافيها کان
لا تعلقين ۾ لاهي
مستان ڪنهن پئي ٿاهيو
بي تحاشا نينهن بَڃائي
جند ۾ ڪنهن کي جُڪائي
جاڳَرَ ڪرائي مون کان
سارو جسم ڏنيرائي
منهنجا هوش ڪنهن وڃايا
تَبسُمَ اهڙيءَ پڇا لئه
جيئڻ جو صدا اُٿي ٿي
قهرن جي جنگ ٿئي ٿي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پاچاٽيون موسمون

ڪير چاهنائون ڪري؟
ڪير تمنائون ڪري؟
ڪير آتش فشانين جا چرڪندڙ لاوا ـ
وقت جا بي حساب ڪوه ڪاف پار ڪري!؟
ڪنهن کي پئي آ جو ـ
سچائين جي ثبوتن خاطر
يا وفائن جي نيائن لئه
ننگا پير ڪيون
جرڳن جا ڪيتا، ڪيئي ڦيتا
تتل باهيون ڪُڏِي،
بي داغ هجڻ جي ساکن کي نيائيندو وتي!
يا وري ڪير قومي آجپڻ جا سحر ڪنيون
عمر ساڳين ئي رهبرن جي گشن منجهه ڪٽي
جن آزادين جا هزارين حسين خواب ڏئي
ديش ڀڳتيءَ جون بي حساب پوٿيون پاڙهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومي ورڪر کي بليڪ ميل ڪري، پنهنجي پنيلائي
ڏرتيءَ بجاءِ ڪيس جند جو نگهبان ڪري
هيڪاندين دهشتن سان دهمانن کي ڦهلائي
قومي ڪاڄن جا غرض
رِڻن ۾ رُلائي ڇڏيا
تڏهن تہ هرڪو تڙي پکڙجي، وکرجي ويجي
پنهنجين هيڪلائين ۾ پنهنجي طور سوچي ٿو
ڪير پهڻن تي هلي
ڪير پٿون پير ڪري
هلي بہ تہ ڇو ۽ ڇالاءِ؟
ڪشالا ڪاڻي؟
هي سڀ تڏهن، جڏهن ڪا جستجو
ڪا حاصلات يا منزل
ڪنهن مُتلاشي مسافر جي آرزو ۾ هجي،
صحرائون پار ڪرڻ جا وچن وِکن ۾ هجن
عين ممڪن آ اهڙين عاشقين جو اَمُل نسل
ڪن عجائب گهرن ۾
اڄ پڻ نمائشن تي هجي،
جن جي سُڌن ۾،
محبت جي نيڪ نامين لئہ
گهورجي وارجڻ جا ولولا جوان هُجن،
۽ ائين بہ ٿي ٿو سگهي
يڪل ٽنل ديشيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وروڊي من کي
قومي آچپن جون ڇهنڊيون آڇان،
پراڻيون رُهنڊيون ٻڌجي
اڄ ٻيو ايذائيندڙيون هجن
پر ٿُلهي ليکي جي ٻڌجي تہ
هاڻي ايئن ٿو لڳي
مادي پرستين جي انبوهن ۾ پورو نسل
ڪافي عرصي کان پنهنجي پيرايي ۾ سوچي ٿو
ڪير هن ڪلراٺيءَ ڪيتر ۾ ڄمارون رولي
پاڇاٽين موسمن
آرهڙ جي سخت ڪاڙهن ۾
ڪير آسن ۽ نراسن جون
مُرايون پوکي
ڇو ڪوئي ڀاونائن جي اَڪارت لاٻن لئہ
پوڙهن جسمن جي
عمر ڀر تائين سنڀار ڪري
دل جي ديول ۾ ڪُتل حب الوطنيءَ جون پاڙون
روحن جي جرن مان ٻرندڙ ازل جون آڪارون
ماٺوءَ جي مٽيءَ ۾ ڳنڍيل سُرن جون لئہ ڪاريون
”ڪُنَ فَيَڪُونَ“ مهل عشق جون پيوندڪاريون
نيويارڪ، جرمنيءَ، پيرس ۾ پلجندڙ ٻالڪ
جنهن کي سَرِوم ڏکم ڏکم جو ڪو ڏئو ڪونهي
يا جنهن کي شاهہ جي سورمين جي سُرت ئي ناهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سو ڇاجي ڪاڻ ڪُنيارڻ جي اجهل جذبي جي
صرف گهڙيءَ سان پار پچڻ جي ڪرشمي جي
ڇو پلا ڇا لئہ اَڻ- ٽيڙيءَ تي اعتبار ڪندو
گرب مان گندري، نڌر نوري مهاٽي ڇو پلا!؟
پنهنجي نوخيز نَوَ لکي جهڙي جوين کي جهليون
ڇو پٽي سلطان سمي ڄام جا اوسيڙا ڪندي؟
يا جهوپين ڄائي اميراٽي محل ۾ پهچي
ڇو ڇاجي لاءِ پنهنجا ٽاڪ ٽوهر پٽي ساري
مَرُ ڪي، ميندين ۾ جهليون عرش، فرش ٻاڪاري؟
هي دُنيا، هاٽوڪي دنيا، اُنهن سچائين کي
هيءَ سطحي خلق محبت وارن معيارن کي
لڄ، حيا، شرم نيائن جي پاسدارين کي
شيڪسپيئر، شاهہ، ڪاليداس، ٻُلي شاهہ وارن،
رحمان بابا، رُوميءَ، رُوسو جي ڪردارن کي
آدرش اهنسا، رومانس، سيڪيولر نظرين
محمود درويش، نياز فيض جي صدائن کي
سرڪشين، تحريڪن ۽ باغي هلچلن کي بنه
ڪن چرين، چيگويرائن جو خواب پٽي سمجهي،
غير مزاحمت ۽ مصلحت پسند رَوَيي ڪري
ننڍڙين آسائشن، مطلوب مروتن جي پٽيان
اجتماعي تہ ٺهيو انفرادي ذلتن کي
قومي غيرتون نہ سهي جند جي رُسوائين کي
پويان اُڇلائي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياستي دلاليون پري،
خواهشن کي اشد ضرورت جو نظريو ڪوٺي
ڪنهن اين. جي. او يا تنظيمي پتا خورين تي
بي مقصدي زندگيءَ جي ڪالرن تي
ڳلفَ هٽي
اَبهمن کي خرچيون ڏئي، ننگون ڪري، فوٽو ڪڍي
بُکَ هٽيون پاسيراٽيون ڳولهي، ڪلوزاپَ جاچي
سرورقن تي هٽي
فنڊن لئہ جو ليلائي
اُنهيءَ نسل، انهيءَ جُڳ مان چا اُميد ڪجي
تڏهن تہ سهل پسند لوڪَ تمدن کي ڇڏي
پنهنجي ماضيءَ کي پٺيون ڏيئي ڊوڙندو تو وڃي
۽ وڏي واڪين
ويندي زور سان چوندو تو وڃي
”ڪير چاهنائون ڪري
ڪير آتش فشانين جا ڄرڪندڙ لاوا
وقت جا بي حساب ڪوہ ڪاف پار ڪري
ڪنهن کي پٺئي آ جو.......!!“*

---

* ڪي سال اڳ سنڌ جي هڪ اين جي اوز وارن، ٻارن کي ڪجهہ خرچي ڏئي الف ننگو ڪري پنهنجي موقف کي مؤثر ڪرڻ لاءِ، ٻارن جون بک هٽين پاسيراٽين جا فوٽو ڪڍي ٽائيٽل تي هٽي انهن بک هٽن ننڍين ٻارن جون مفلسيون ڇٽَي وڏا فنڊ وٺڻ لاءِ اهڙو ڊرامو ڪيو هيو جنهن کي پوءِ اخبارن ۽ رسالن ذريعي ننديو ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وِڇڙن جي سرد رات

پنهنجي غزل جي نوڪ پلڪ ٺاهيندي پرين
لفظن جي روح مان تنهنجي احساس جو لمس
منهنجي سڄي وجود کي گرمائيندو رهيو
تنهنجي سڄيلي سونهن جون ساريون بلوغتون
جوڀن جا آرَ ويس وڳن جون نفاستون
نوخيز جوانيءَ جو صفا نئون نڪورپڻ
نازڪ شفاف جسم جون جملي نزاڪتون
شوخين جي بانڪپڻ ۾ خدوخال حسن جا
چنچل نگاه ۾ سڄيون مستيون خمار جون
ڀرپور جوانيءَ جون جوان تر جڙاوتون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون وٽ سنورجي پهچين ٿون، تنهنجيون عنايتون
تنهنجا ڏکيا حسين پنيا وار جُهومندي
منهنجين سٽن تي پارڻ سَجائي سمهي رهن
گل پوش ساوڪون منهنجي چلڪيل شعور جون
گهنگهور گهاٽي ڇانو جي گهيراءَ ۾ اچن
تبسُمَ سندي تزئين ۾ تمثيل تلڪِ جي
محسوس ٿئي تہ اوچتو ڪي چَنڊَ نور جا
ڪن خوابناڪ منظرن مان شعاع تي ڦٽن
منهنجي سموري ذات پنهنجيءَ ڪل ثَبات سان
ممڪن ئي ناهي جو انهيءَ ڪي نانءُ ڏئي سگهي
تنهنجيءَ ڪنهن هڪ ادا کي ٻيو عنوان ڏئي سگهي
تُنهُنجَن حسين تصورن جون جنتون ڪنيون
هرياليون جي پيچرن تي جهومندو وتان
صندل، سُهانڊڙي يا صنوبر جي ٿار تان
خوشبوءِ رتل ڪي گيت غزل ڏوهيڙا ڪٺان
تارن تہ ڪڏهن پِره جي پرڇائين منجهان
اونداهين جي معنيٰ خيز خاموشين منجهان
آڪاش مان عجيب تر اُتساهَ پائيندي
پنيرڪين جا عڪس ڪنيون پوئيندو وتان
هر رات پوئين اَسُرَ جو درياه ڪِنار ڪان
ڪڏهن ڪنهن اُڇي ٽيلي پوپان اونهي غار ڪان
ڪا بانسري وڄي يا گهڙولي گُجَر چوي
هر مينڍ، ٿانَ، مُرڪَ ستل حِسَ جُهي ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان سُرن جي سراب جا پيڇا ڪندي
دردن جا ڪيئي اڻ ڳڻيا اوڙاهه ٽپي وڃان
اڻپورا خواب آس مان پيرا ڪنيون اچن
پر مان تنهنجي انوکي محبت جي تؤنس ۾
اوجانِ غزل! گم صفا غلطان ٿي وڃان
تنهنجي شبيهه جي ڪائي تشبيهه ڳولهيندي
سوچن مان تسلسل جون جوتون جلي پون
لفظن جا بي حساب خزينا کلي پون
اڌ ۾ ڇڏيل غزل جا مصرع ٿڪي پون
نووارد ٿيل نظم بعضي مهمان ٿي پوي
هڪ نئون سِرو ڪنهن گيت جو عنوان ٿي پوي
چنڊ جي چبوتري ۾ سوين جَلَ پريون لهن
جهرڻن جا اُجرا وهڪرا احساس ٿي پون
تڏهن مان پورنماسيءَ جو چوٽين مٿان چڙهي
ڪا آس تاڻي پنهنجو پِيا ووڙيندو وتان
چنڊ گهاٽ تان نراس پڙاڏا وري اچن
سوڳوار ڏڙڪنن کي ڏتاريان فريب سان
يادن جي شدتن کان هارائيندي هر دفعي
مجبور منهنجي شاعري مون وٽ هلي اچي
تخليق جي دهليز تان ودوا جيان بيهي
پلڪن جا بند ٽوڙيندي سيلابَ روئيندي
آتت جي ڪاڻ آس جي دَامن ۾ سُڏِڪندي
هُوءَ منهنجي ڏکيل بدن تي ماتو رکي ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن وقت منهنجي ڪرب جي سموري ڪائنات
مجبورين جا اڻ ڳڻيا احساس سهيڙي
ناڪامين جون دهڪندڙ محروميون ميڙي
بي ربط ڌڙڪنن جون سموريون حرارتون
نڪرڙيل ڪتين جي آهٽن ۾ ڊِرڪنديون وچن
تنهنجين ڳلين مان پهچندڙ جهُوٽن جا دگ جهلي
پنهنجي نالي جا روز نياپا پُڇي پُڇي
اوسيئڙن ۾ اُيرندڙ باڪن جا اڱَ وَٽي
آواز جي پيچن ۾ پورو جنم ورانگهي
اڄ بي تنهنجين پرڇائين جا پرتوا ڪنيون
ويچن جي سرد رات ۾ بيگاهه وقت جو
پنهنجي غزل جي نوڪ پلڪ ٺاهيندي پرين
لفظن جي روح مان تنهنجي احساس جو لمس
منهنجي سڄي وجود کي گرمائيندو رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڳيپيل خواب

آءُ من آءُ تہ ماڻيون
جشن زندگيءَ جو
نئينءَ سر نکاريون
حسن زندگيءَ جو
آشائن جي هنج ۾
ڪا برکا تي جهومي
ٿهوڪن تا جذبا
سندرتا تي جهومي
ڪنهن پايل جي ڏن تي
مڌرتا تي جهومي
ڪو ڇيڙي ٿو سرگم
ڪو يادن ۾ گم سم
اندر جي اڱڻ تي
ساروڻين جي ڇم ڇم
۽ بي تاب اوتر ۾
بي روڪَ رم جهم
او بادل۔ او پاڳل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توريءَ دير لئہ تہ
هُوا چٽو آ نَچٽو آ
بَنُ زندگيءَ جو..........
آءُ من آءُ.........

ڪتيءَ جي بتيءَ ۾
لُڇن تيون صدائون
صدائن ۾ سهميل
اَکُٽ التجائون
ڳپيل خواب مُڳرن جي
موسم تا چاهن
چريا، قاتلن کان
شفائون پيا چاهن
ڪتان ڪوئي لمحن کي
واپس ورائي
برف پوش وادين ۾
سِگريون ڏُکائي
کو آهي موٽائي
جولانن جون گرميون
شوخيون، چيچ، اُتساهَ
لهجن جون نرميون
ڊسمبر جون راتيون
اُتر واءُ جهوٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ آڱر ۾ مهڪيل
مينديءَ جا ٻروٽا
چانڊوڪين جا پاڇا
چندرما جون راتيون
مترنم حسين ٺهڪ
ڳڙ جهڙيون ڳالهيون
سارا منٺ سالن ۾
ائين ڊوڙندا ويا
هٿن مان ڇڏايون
پکي اُڏرندا ويا
مان ڏسندو رهيس
بانڪپڻ زندگيءَ جو
آءِ من آءِ........

جتي ڪالهه پوکيا ها
سپنا اکين ۾
مان رابيل ورچيا
هُئا دوستن ۾
اُتي ٿوهرن جا
فصل چو ڦُٽي پيا
پروسا، پرم سڀ
پڇي پور ٿي پيا
هُوءَ محبت جا



ned with CamScanner www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيلام گهر ۾ وڪاڻي
سِڪن، سون جي
ساهمين ۾ آگهاڻي
وفا، واعدا لفظ
بي معنيٰ ٿي پيا
ڪي تاسا هرڻ
رڃ ۾ ڦاسجي پيا
سرابن مان ڪيڏيون
صدائون ڏنيوسي
نه پلٽيا پڙاڏا
نه ورنديون ٻڌيوسي
اُماسن ۾ اُٿليا
وڇوڙا اسان جا
سُڪي ويا اکين منجھ
ڳوڙها اسان جا
اهو ايترو آ
متن زندگيءَ جو
آءُ من آءُ.........

سي مرڪن جون مستيون
الستيون اُڏارون
بي حد بي نيازين مان
تانگھِن تنوارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوخيزيل جسم منجهہ
شوقن جون چاڙهون
پهر ڪن جي جيون ۾
سپنن جا ديرا
رُوبِين يادگيرين جا
ماضيءَ ڪي گهيرا
تون ايندين نہ ايندين
اها هورا ڪورا
اکين ۾ دفن ٿيل
عمر جا وڇوڙا
۽ اُن ڪان اڳي
جو ڪي سوداءَ سڙجن
گهُٽيل خواهشون مون لئہ
ايذاءَ بڻجن
تون آءُ عاشقيءَ جي ڪا
ميتا ڏئي وڃ
آءُ مَن دوستيءَ ڪي
اَمرتا ڏئي وڃ
آءُ سرتا سنواريون
صحن زندگيءَ جو
آءُ من آءُ.........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سَرءُ رات جو چنڊ
ساڳيو ئي پيلو
۽ مَنُ بَي چَيو ۾ي
اڳي جان هٿيلو
ڀنيرڪيءَ جو ڀٽڪي
تڪي بادلن کي
چرين وانگي چاهي
رڳو چاندنين کي
ڪنهن ڀنَ چڙ ڪي سمجهي
تہ آ پير ڪڙڪو
ٿَتي مَنَ کي ٿَبَسُمَ
رُڳو ٿانگهہ ٿڙڪو
تتر جان تنواري
اُڏاري صدائون
۽ بَنُ بَنُ پڪاري
دِشائون دِشائون
وراڪا وراڪا
ڪڪر ڪهڪشائون
آءُ اچ سانورا
آءُ هلي آءُ ڪٿائون
وري آءُ وِرانگهيون
گگن زندگيءَ جو
آءُ من آءُ.........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سَرَءُ رات جو پيلو چنڊ

ڪو آهي؟
ڪو آهي؟

جو ويندڙ وڳر جي
پکيئڙن کان مون کي
صرف هي پڇي ڏي
تہ هت بد پيل هِنَ
پکيئڙي جون پلجي
کي تن کي ڪڏهن
يادگيريون ييي آيون
سنجها جو
واهيرن ڏانهن
ورندڙ پکين کان
سرنهن، ساڳ تارين
ڪنڊين، ٻيرين کان
انجيرن ۽ توتن جي
گهاٽن ڇُڳن کان
ڪو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جون مون کي
صرف هي پڇي ڏي
تہ ڏک سک ۾
گڏجي گذاريل گهڙين جا
سَرَءُ سانجهہ سانوڻ
ڪتين جا سنيها
چيٽن واريون ٻاريون
جوئر، سنگ، جهولا
نشيلا نشيلا
هندورا هوائون
انوکيون صدائون
ينير ڪين جا جهوٽا
مَوتين ۽ گلابن جا
ٻهڪيل ٻروٽا
لُڏي جهومي جن تي
ڪبيون هون رهاٽيون
ستارن جي ٽمر ٽمر ۾
اڻ ڪٽ ڪهاٽيون
اَٿو ياد!
ڪڏهن
اوهان ساڻ گڏ ڪو
سفر ۾ هيو ساڻ
ننڍڙو پکيئڙو
جو وڇڙي اوهان کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قفس ۾ پيو آ
۽ اُن وڇڙي ويل جون
نِمورين جي رُتِ ۾
پپل جي پنن تي
ڪڙيل چاندنين ۾
ڪڏهن ڪي اوهان ڪي
سنيارون پيون آيون؟
وڳر تي واهيرن ڏانهن
ورندڙ پکيئڙوا!
اڃان تائين
پنهنجي آکيرن مٿان ڇا
سَرَءُ رات جو چنڊ
پيلو ڪِڙي ٿو؟
۽
اڄ پڻ توهانجين
ٻن ننڍڙين اکين ۾
ڇا
چيٽن جا
سڀ عڪس هيڏا رهن ٿا؟
اسان وارن نسلن جي
منهن تي اڄان پڻ
ڇا اڳ جان سدائين
اُداسي رهي ٿي؟
آکيرن جي سنهڙين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٽين مان اَسُر جو
صيادن کي ڏسندي
سر اپيل رهو ٿا؟
چا ٻاجهر جي سنگن تي
جهوليندي ساڳيا
پراٽا اُهي ئي،
ترانا چئو ٿا؟
ڊسمبر جي وِلهه ۾
آڏين تائين جاڳي
سڄي ڏينهن جي ڪشمڪش واريون ڳالهيون
وهيءَ جي اُڌارن جا
قصا ڪٿو ٿا؟
گُليلن ۽ گولين کي
ڦٽ تيءَ سان ٿارڻ
ڪنهن ديري تان
داٽي لمائڻ جو ٻاڙون
لُرين ۽ لڪن ۾
چوڳي ڪاڻ اُڏري
وساميل سنجها جو
وَڳر تي ورو ٿا؟
ڪوماٽيل
يا
زخميءَ ڪنهن گهايل ٻچي کي
ساري رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇاتيءَ سان لائي رُئو تا؟
خوشيءَ، خوف ۾
گذرندڙ هر گهڙيءَ کان
مچيم ها مچيم
ان اهڙيءَ
زندگيءَ کان
ڪوئي سنگي، ساٿي
بنه خوش نہ هوندو
ها پر پوءِ پي
شاھ بلوطن جي شاخن
تي پنهنجن بسيرن
جو احساس ڇا هي؟
او پنڇيو
او ڪٺڇيو
هي سوچيندا وڃجو
تتين جي ساٽائيءَ ۾
مانجهاندڙين تي
ڪنهن وسرام
جو پهر ڪيڏو پلو آ
ڪليل اُپ ۾
ڏوتين، قلابازين جو
ڪيڏو ڪيف آهي
ڪنهين سوچيو آ
آڏين مانجهين جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۶

پنهنجين مرضين سان
ڪنهن لهندڙ سورج
ڪنهن حسين باک ويلي
گهٽائن سان گهنگهور
گهيريل گگن ۾
پابندين کان آجا ٿي
وسنديءَ يا ٻَنَ ۾
بي پرواهين سان جو
پَکِندا وتو ٿا
گولين ۽ گُليلين
جي مَارَن کان نڪري
بي ڏڙڪين سان جيڪو
پهرڪن جيئو ٿا
تنهن پَلَ ڪي قفس جون
جمارون چَوَنِ ٿيون
اُڏارون، آزادي
عجب جو نشو آ
هن پنجري ۾ پيل جي
ڪهڙي زندگاني
قيديءَ جو قفس ۾
ڪهڙو مرتبو آ
چگو او آزادين جا
اُڏندڙ سفيرو
جي ڪنهن وير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجن ابا ڻن ڪڪن تان
اوهان جو جي اتفاق ڏاران
گذر ٿئي
تہ چئجونِ
زيتون لامن جا سپنا
انبن ۽ پيرُن جي هڳائن جا سپنا
آءُ اڄ پي ڪڙولن ۾ وينو اُٽان تو
۽ ايندڙ واهوندي ۾
پلجي اوهان جو
او همزادو
هِتڙان جي پيهر سفر ٿئي
تہ پنهنجي وڳر جي
ڇيڳل هن پکيءَ کي
قفس ۾ ڪوپل ڪن
تنواريندا وڃجو
جهروڪن جي جهيٽين
ڏياتين ۾ نئين سِرِ
ڪي يادن جون جو تون جيئاريندا وڃجو
سپناريندا وڃجو
سنياريندا وڃجو
ڇڱو الوداع اي وطن جا پکيئڙؤ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هوائون اجان پيي چون ٽيون ترانا

اڙي بادلو
ڪائي جهٽ ترسجو جو
هوائون
اجان پيي چون ٽيون ترانا،
نچن ٽيون نچن ٽيون
پريون
مينهن ڪٽيون ٽي
۽ مان
انهن لمحن جي ساري مڏرتا
خماريل سنجها جو
پيالي ۾ اوتي
سندر مورتيءَ جي مان
ماتي جي جهومر
يا ڳنَ ۾ جهوليندڙ
حسين جهومڪين کي،
ڪو پرپور بوسو
ڏيان پوءِ وڃجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ وِڇجو
نہ وڇجو
جواڄ ميڪدي جو
ورهَن جي
ويرانيءَ پڇاڙان
اوجانان
قضا سان
مسين هي ڳُنڍو ڪڙڪيو آ
ءَ
مئخاني جي چئنين ڪندن تي ٻيهر
پيئڻ يا پيئارڻ جي
موسم چڙهي آ،
نہ هٽجو
خدارا نظر رونقن ڪي
جو
ڪيڏين مندن بعد
نئين سر اندر ۾
جيئڻ جي شدت ساڻ خواهش اُٿي آ
دُعا ڪيو
تہ ڪا توڙ
شل آرزو ٿئي
مي نوشن سان ميخانو
وَرِ ورسجي پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڙي بادلو
اڄ تہ دل ڪولي مون کي
ڪنهن رم جهم ۾
ڇم ڇم جي
جهانجهر سڻايو
او گجندڙ گهٽائو!
ملڻ رت جا نغما
۾ لاڏا
ڳڦائن ۾ ڳايو وڄايو
مان جيون جي رڻ جو
اڪيلو مسافر
ڪيڏين پوڳنائن کان
پوءِ مس ڪِليو هان

۾
ان ڪان اڳي جو
وري ٿهڪ وچڙن
يا مان ڇهڪ کائي
ڇڏيان زندگيءَ کي
اڙي بادلو
ڪائي جهٽ ترسجو جو
هوائون اچان پيي چون ٽيون ترانا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پوڙهي پپل کي تيڪ نہ ڏي

منهنجي ڳوٺ جا *مُؤرخ ماٺهو
هو جو ٻاهران کوه قِتل آ
تنهن ۾ منهنجو روح سُتل آ

صدين جي سنگلاخ مسافت ۾ ڦٽجي پيو
اڻ ڄاتيون واٽون جهاڳي آخر وِرچي پيو
سورن جا سهسين سوداءَ ڪندي ٿڪجي پيو
درد جا ڇالا زخمي سارو روح ڪري ويا
گهايل اک مان لڙڪ لهو بڻجي ڇلڪي پيا
لُڇَ پُڇَ جي ڪُهه ڄاڻان کهڙي لوڇَ لڪل آ

* مُؤرخ: تاريخ سيهيڙيندڙ تاريخ لکندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوڙاهن ۾ ٻڌندي ترندي جُڳ گذري ويا
پار پچڻ جي ويساهن ۾ سِجَ اُلهي ويا
آس کي اڄ بہ اُڪار پڪاري آءَ هلي آءَ
پڙلاون ۾ پيچن جا دولاب سڏن ٿا
مون کي منهنجي ماضيءَ جا آداب سڏن ٿا
آدابن ۾ ڪل منهنجو ورثو پويل آ

وقت جي بي پرواه وکن جون ٽاپوليون
سُنبَنِ ۾ لَتِڙيل مفتوحن جون ٽوليون
تاريخن جون سپ تبسم مبهم ٻوليون
ارڏا ماڻهو پوڙهي پيپل کي ٽيڪ نہ ڏي
آدم زادا! آدجڳاد کي ڇهڪ نہ ڏي
اڳ ۾ ئي انسانن تان ويساه کڇيل آ

منهنجي ڳوٺ جا مُؤرخ ماڻهو........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پَتَڙَ جون پُڪارون

ڪلاچيءَ جي ڪُنَ مان ڪھاڻي تو ٻُڌي
اوھيرن نہ ڪو ڪيس آنڊين جو اُونو
ھي گھاتو اجان گھرو پاڻي تو ڳولھي

صدين کان سُڻي تو پتڙ جون پڪارون
پرانھن پنڊن جون انوکيون ڪھاڻيون
سفر ڪاڻ سنگتي سُڪاڻي تو ڳولھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالهوڪن *ڪاڍن کي صبح شام ساري
هي* آڍو آڏين تائين ڪانڊين کي ٻاري
اوائل جي گم ٽيل آڪاٽي ٽو ڳولهي

ڳُلهن ساڻ ڪينر ۾ ڪشڪول لايون
ڪو ڳَنَ ڦاڙ گيڙوءَ رتا پوشَ پايون
ڪنهن سهٽيءَ، سسئيءَ جهڙي ڪاٽي ٽو ڳولهي

ڪوهيئڙن، ڳُنن کي ورانگهيون ورن ٽا
ٻري ڪان پڪيئڙا اُڏاميو پڇن ٽا
*ڪُنڊو ڪِنِ ڪَرَن مان *ڪانياٽي ٽو ڳولهي

ڪلاچيءَ جي ڳُن مان ڪهاٽي ٽو ڳولهي

○

---

* ڪاڍو: (قربُ جي) سِڪَ، اُڪير
* آڍو: وڏيءَ عمر وارو پوڙهو
* ڪُنڊو: مُنافق، دل جو خراب
* ڪانياٽي: پوک جي جهار هڪلڻ لاءِ رسي جنهن ۾ ٺڪوڙا يا ڳُليلا وجهي اُڇلجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وڏو ها وڏو جو اجان پنڌ آهي

وَڏو هم رفيقو
چٺو حوصلن کي
هلو تا تہ
هلندا هلو منزلن ڏي،
گهٽائون جي گهنگهور
آهن تہ ڇا ٿي؟
جي چڪچور بُتَ
ڇيچلايو تہ ڇا ٿيو
واٽن، ڇو واٽن
رَندَ، رستي تي ڇانيلَ
اُماوس کي هرگز عذر نہ ٻڌايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ٽڪجي سفر دوران
پوئتي نهاريو
نہ ساريو
بهارن
خزائن جا ليڪا
نہ گرمين جو لهسون
نہ سردين جا سيڪا
وَڌو
ها وڌو
جو اڃان پنڌ آهي
مسافت چوي پئي تہ اي هم رفيقو
ڪٽو تيزن هاتيز تر
پنهنجيون گامون
توڙي جو ڏِسا تي اڃان ڏنڌ آهي
ها پر ڏنڌ پويان
مرادون ٿيون مرڪن
نہ دل لاهيو
ڳايو همرچو همرچو
گونجاريو فضائن ۾ نعرا وفا جا
پڪاريو تہ
پاتالُ ٻاري ڏياتيون
هلو ٿا، تہ هلندا هلو منزلن ڏي

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ۽ بينچ تي ويٺل مان

هڪ رات ڊسمبر جي
تنهائي، بَلبَ پاڇا
۽ بينچ تي ويٺل مان
سوچيندو رهيس ڇا ڇا

سوچيم پئي اُڏي اُپ تان
ڪا گونج تي گونجان مان
آڪاش ستل آهي
آڪاش کي ڏوٽيان مان
پر خالي وريا واڪا
ناهي وس ۾ ڪيان مان ڇا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُڻ سين ڪتان مانجهي
سُڏڪي تي پئي سانجهي
ڪو پارُ پڪاري تو
چڙهي رات چندرما جي
برڪا پئي ڪري ورڪا
آءُ سنگ هلون سرتا

هن پوهه* جي پارن ۾
مئخانو ڪڏهن مچندو
اي ساقي صراحيءَ ۾
ڪو چنڊ ڪڏهن ڪِڙندو
ڇُلڪاءِ وري شيشا
اهڙا جي تو اڳ آڇيا

هڪ سنڌ منهنجي ڌرتي
ٻي سهڻي متي سرتي
هڪ جند سان جڙجي وئي
ٻي دل سان اچي پرتي
ٻنهي سان ٻتا ناتا
ناتن جا کهڙا ڪاچا

* پوهه: سخت سيءَ وارو مهينو ڳٽپ ۾ هنديءَ جو مهينو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچيم پئي ڇا ڪلجڳ جي
هيءَ ٻاٽ ٻيي ڪنٽي آ
اونداهه جي سيني مان
ڪا لاٽ ٻي ڦُنٽي آ
سنسار سڄو سُڏڪا
سڏڪن جي ڏُکي ڀاشا

ڄاتُم پئي خلائن مان
ڪو ڪين وراڻيندو
صدين جي *تذبذب جو
ڪوئي انت نہ آڻيندو
ٻَنَ ٻَن ۾ پو ڀيي ڀُٽڪا
ڀُٽڪن ۾ ڀريل آشا

آهي ڪو ”تبسم“ جا
سي گيت وري آڻي
جي ڪالهہ لکيا هُئائين
پل پل جي پيڙا ماڻي
سارا ماضيءَ جا ورثا
ڪجهہ خواب ۽ ڪجهہ خاڪا

○

---

* تذبذب: فڪر، پريشاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اِبنِ آدم جو سفر

بند نيڻن ۾
ڏينهن جا اولڙا
منٽ، سيڪنڊ، سال
گذري ويا هليا
پا بہ زندان هوندي ٻيي اُڏري ويا
ڪنهن بہ سنگهر ۾ نہ سي ڪڙجي سگهيا
پنهنجيءَ ڌن ۾
بي ڊپيءَ رفتار سان
جهومندڙ پاڇا
مڌر جهنڪار سان
ڪنهن الائي، ڪنهن طرف ويندا رهيا
پت ٽنگيل
گهڙيال جا سڀ ڪانٽا
موسمن جي آگهي ڏيندا رهيا
وقت جي لڙه ۾ حياتيءَ جا مٽيا
باز جي چنبن ۾
جيون جا ڪٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برهمچاريءَ جي جيڻ واري جٽيا
روز ڪا ٽِڪ ٽِڪ
سٽائيندي رهي
مان تہ چا
پر ڪنهن بہ ڪجھ چاتو نہ هو
وَقتُ
ساڌو سنت يا پوپو هيو
غار يا هن پار جي
اسرار جي
کهڙي خبر
پوپ، پنڊت، بازيگر
سڀ بي خبر
ڪو پتو ناهي تہ اونهي جَلَ مٿان
ڊونڊيون ٻيڙيون
ڪڏهن ڪان ٿيون ڊڪن
هي ڪروڙن اڻ ڳڻين
صدين ڪان ساگر جو سفر
ساگر بہ تنهن ڪان بي خبر
۽ اُنهيءَ ساگر ڪناري
سانجھ جو
شدتن سان روز ٿي
خواهش اُٿي
نرتڪيءَ جي جهانجھ جا پيرا ڪٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واديءَ
سمر واديءَ
جي آوازن منجهان
درد جي سيني سُرن جا الميا
پاتال جي پاڙن منجهان
ڪوٺي ڪيڏان
زخميل ڪونجن ۽ ٻڳيرن جا پهر
نيرڳن آڙين ۽ هرڻين جي عمر
ٽڙڪندي ۽ ڪنبندي گذري وئي
جنگجو
وحشين، سفاڪن جا عمل
هن خدا جي وستين
ندين
هوائن
روشنين
تارن ڪتين ۽ ڪهڪشائن
کي ڪڙوليندا رهيا
اڻ ڳڻين نارين
۽ ٻڳيرن جا جسم
محبتن کي پيتائون ڏيندا رهيا
ڪيترين ڪوڙين آنائن جا غصا
ملڪيتن، سڱاوتين جا سلسلا
ٽوڙين ڳالهين جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍيون رنجشون
بي رحم
بندوق نالنَ جا ڇُرا
ڪن مڏين، تڪين
کهاڙين جا ڦَرا
ترڙپندڙ لاشن جا ڍڳ ڏيندا رهيا
بي ڪفن
جسمن واريون آلودگيون
ڍير تي پيل
ماس سان ڪينئرا بدن
بند ٻورين ۾
ٻڌيا تيل زندگيون
ٻرل مشينين سان سوراخيل ڇاتيون
لوهي شيخن سان
ڏنپيل چمڙيون سڄيون
نَنَهن ڪان
آجيون هزارين آڱريون
آميءَ ڦاپيءَ جون
ڇيهاڙيل عصمتون
راجيءَ جون*
ميليءَ ۾ گم تي ويل گُڏيون

---

* راجي: ننڍڙي نينگريءَ جو نالو جنهن جون ڪنهن ميلي ۾ ڪن جون واليون لاهي ڪيس ڪُهي ڇڏيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بي ساهين گُڏين جي پويان ڪيتريون
ساه واريون
راجيون ڳُسنديون رهيون
۽ تڏهن
دردن جي صحرا مان اُٿي
سرد جسمن جون هزارين هڏڪيون
هر گهڙيءَ
اِتهاس کان
پُڇنديون رهيون
ابنِ آدم جي جياپي
جو سفر
ڇو پلاهي ذلتون سهندو رهيو
اُفق جي هن پارِ
ڏائهن جا ڇڙَا
هر دفعي ڏائهون کٽي وڃندا رهيا
صوماليه جي ٻارڙن وارا جسم
ماس کان آجا
ڦِڪا، ڪارا جسم
مصورن جي ڪينواسن ۾ گهڙي
زندگيءَ جي* ارتي
گهليندا رهيا
پيرس ۽ لنڊن جون آرٽ گيلريون

---

* آرتي: هندو ڌرم ۾ لاش ڪڍڻ لاءِ بانس جي ٺهيل ڪاٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

افلاس جا ڍانچا
فريمن ۾ رکي
عالمي ميلا لڳائيندين رهيون
ڪوسوو جي جنگ جا گهرا زخم
بوسنيا جي ننگين نارين جا جسم
ڍاڪا جون يادون
ڏياريندا رهيا
بعضي بي مقصد
عراقي سرحدون
موتمار بارود سان ڇُٽيون ويون
مونيڪا ٽرائل جون هڙئي حاضريون
عالمي توجہ جا نشانا وٺي
موضوعن جا رُخَ مٽائيندين رهيون
ڪلنٽن جي جنسياتي جرم جو
عيوضو
بغداد ڀوڳيندو رهيو
خالق ئي ڄاڻي
ناگا ساڪين جيان
ايٽمي باهين جي گهيرن ۾ اچي
ڪيترا ايندڙ نسل بغداد جا
معذورين جا گهاوَ کائيندا رهن
پنوشيءَ کان اڳ وارا
يا پوءِ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪير ڄاڻي
ڪل نسل ڪش حڪمران
ڪيسين جيئڻ جون حسين ترجنتون
اوجهڙي ڪئمپون
ٻڌائيندا رهن
ڪيترا سيزر، وليم هٽلر حجاج
بال ٺاڪر، زار، ترخان، طالبان
حاڪميت واري
جنونيت ۾ اچي
آسماني واعظن جا داٻ ڏئي
هُن مٿئين مالڪ جي سهڻي سرزمين
مذهبي فرقن قبيلن ۾ ونڊي
محڪوميت وارو تسلسل ٿا گُهرن
زندگيءَ جون
اڄ بہ ساريون حُرمتون
شاهي فرمانن جي آدابن اڳيان
هر گهڙيءَ
پائمال ٿينديون ٿيون رهن
اڄ بہ آدرشي ماڻهن جا مجسما
توپ سان بي ڏڙڪ
پورريا ٿا وڃن
تنهن لِمحي سروم دڪم جو فلسفو
آدميءَ جي ارتقا جو نظريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر مها يوگي
سميٽي ٿو چڙذي
فرقيوارا نہ تعصب جي پٽيان
ڪيترين مائن جي
جگرن جا ٽڪر
لاهور جي
ڳلين مان گم ٿيندا رهيا
پوپٽن پويان
ڊوڙيندڙ ٻارڙا
ريشمي تتلين جيان نازڪ نفيس
جيئري
تيزاب ۾ ڳاريا ويا
جن جي پڃراٽن سان اکين کي ڏکي
جن جي تصويرن کي ڇاتين ۾ سبي
مامتائن جا هينئان ڦاٽي پيا
ايترين سفاڪين ڪانپوءِ پڻ
اِبنِ آدم شرمندو ناهي ٿيو
ڇو تہ
اڃ تائين اڃان قابيل تي
ڪابہ فرد جرم عائد ناهي ٿي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پڳل تلهه ۾ زنگيل گهنڊ

ناممڪن آ ڪنهن ڪي جهوناٽپ ۾ پنهنجي
اوائل جون نوخيز ڀرپور يادون
انهن غمگينين يا ڪِ خوشگوارين سان
ساڳين ئي چِٽائين ترو تازگين سان
ذهن جي خاني منجهه محفوظ هونديون
ها پر انهن گذريل لمحن جون تنوارون
ڏکن ۽ سکن واريون ڏنڏليون سنيارون
روحن جي پاتالن، اٿاه گهرائين مان
پڪاريندي ڏوڏي جهنجهوڙي وجهن ٽيون
ڪنهن ڏڪندڙ جسم لڙڪندڙ ڪل جون جهوريون
باقي ٻيي سگهائين ڪي ٽوڙي وجهن ٽيون
جڏهن سوچي تو تيز ٻڪندڙ دنيا جي
ڪِري ڪي ڪِريل ئي ڇَڏيندڙ دنيا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندڙ چِٽ نہ ڪو چيٽ جي موسمن ۾
حسين بارشن جي جهڙالين جِهڪن ۾
اڪٿ سانوڻن جي تتل نٿهڻن ۾
ستارن، ڳتين، ڪهڪشائن، خلائن
ٻيٽن، اُپٻيٽن، پرڪشش پربتن ۾
سياڻي سندس ڪو حصو ئي نہ هوندو
سندس ڪتبي تي سن ۽ ڏينهن لکڻ ڪانپوءِ
زماني ۾ ڪوئي قصو ٻيو نہ هوندو
ها پرجيسين ڪنهن جو سيان وارو پهچي
تيسيتائين ممڪن آ منهنجو پنهنجو ئي
سيڪنڊ منٽ يا ڪِن ايندڙ ويرمن ۾
اگر حافظو ٻي چيو تي پوي تو
ڪنهن پِٽ تي ويهي چَنڊُ يڪ ٽڪ ٽڪيندي
عمر جي وهيل واپريل واقعن کي
ياداشتن کي يڪجاءِ جوڙڻ جي دوران
يا آتم ڪٿا کي سهيڙڻ جي دوران
منهنجي ذهن جي سم مان هيڪانديون ساريون
خدا نہ ڪري يادون ميسارجن ٿيون
مائوف ٿيل ذهن تي دٻائن ڪان پوءِ ٻيو
جي مون کي اهو ياد ئي ڪونہ بيهي
تہ آرهڙ جي ڪهڙين سڙين سانجهين ۾
ڪهڙي واءُ منهنجو هينئون ٺاريون هو
الائي تہ ڳهاٽين ڳهٽائن منجهائون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو بادل کھڙيءَ سانوٽيءَ ۾ ڇڳو هو
ڪچي گھر جي آڳنڌ ۾ آسُر ڏيئي
جيجل ڪنهن جنم منجھ جھارا جھڳيا ها
گھاتي پپل هيٺان چندن چيڏڪن سان
وڏي واڪين ڍاري ڪا ڦرهي پڙهي هئي
پڳل ٿلهه ۾ زنگيل ڪوئي گھنڊ هو جو
سدائين منهنجين موڪلن ۾ وڳو هو
سو گھنڊ اڄ بہ شايد اڃان اُن ئي ٿلهه ۾
منهنجيءَ مُڪتيءَ جا پيھر جوڙي رهيو آ
هو پوڙهو پپل پڻ منهنجين ڪيفيتن جان
بهارن خزائن ڪي چاٽي رهيو آ
اڃا جُهور بابا اُنهيءَ پنهنجي سٽ لئہ
پنهنجيون ٻانهون ڪوليون اُتي ئي ڪڙو آ
تڏهانڪر جا پاچا تڏهن جي پتين تي
ساڳين ئي محڪم ٽيل تماشن ۾ آهن
ڪِروڙن صدين بعد پڻ چنڊَ سُورجَ
ستارن جون چالون ائين ئي چلن ٿيون
هي ڦِرڪا دنيا ڪي پنواٽيون ڏيڻ لئہ
ڦيراٽيون، ڦيراٽيون تي ڦرندا رهن ٿا
شعورن جا ادراڪ اتهاس ٽاٽيون
ويندڙ ويل ڪي خالي ڏسندا رهن ٿا
صبوح شام راتين جا بي نام پاڇا
ماضيءَ جي واهيرن ۾ وسرام ڪن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري واري سان يا هيڪاندن ڄٽن کي
بهرحال واري سان ورڻو تہ آهي
ڪشالا جي ڪرمن ۾ ڳنڍجڻ لئہ آهن
اُنهن جي مقابل تہ ٽيڻو ئي پئي ٿو
مان ڄاڻان ٿو سمجهان ٿو سڀ ڪجهہ اوس آ
ازل، ابد جي تاڃي پيٽي ۾ ليڪن
مون کي تنهن پَهَر ڪاڻ جيئڻو تہ پوندو
جنهن شب ڏاران مون وٽ مومل موٽڻي آ
وري ڪنهن لِيلا کي مٽيو مٽ ۾ ڏيئي
ڪؤنروءَ کي چنيسر جي پت پرکڻي آ
اڪيچار چرپيلين جون قطارون
ءِ جِندُ جيڪا هر آڳ تان اُڪرڻي آ
ها پر ڪيسيتائين ڪيڏي دير تائين
او سائين اسان جي عمر ترڪڻي آ
ڏينهون ڏينهن جُهرين ۾ جِهمندڙ حياتي
بي ويساهين ۾ تي پئي ڪِرڪڻي آ
اُنهيءَ ڪان اڳي جو جياپي جون واٽون
هن جهورين هنيل زندگيءَ جون اُساڻون
مون ڪان منهنجيون ڏنڏليون ساروٽيون لمائن
يا ويسارو ويسر جي سرنگهن ۾ اُڇلي
ڪو آڳو نہ پيچو سُڃاڻو نہ سنگي
ميلن ۽ ملهالن جو عادي تبسم
خمارن، خطابن جو عادي تبسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجن ئي پيرن جي نشانن تي بيهي
پهرن جا پهر ان سوچڻ ۾ گذاري
هي ڪير اِبنِ آدم هتان گذري ويو آ
چرين جان دنيا جي هُئڻ کي وساري
الولن جيان پاڙ کان بي خبر تي
مندر گرجا مسجد ڪليسا ۾ گهڙندڙ
عبادت گذارن، سندن پيشوائن
جي پيرن تي پوندڙ لبادن کي پڪڙي
عمامن سندن خاص ٽوپين کي اُچلي
ڪانئن هر دفعي هي سوالي ته توهان
تڏين تي جبينون جهڪائڻ جي بدران
ڪن سنگمرمرن جا فرش چو تا چاهيو؟
ڏوري، بافتي ڪوريءَ ململ جي بدران
اُچين وائلن، بوسڪين، بخملن جون
پوشاڪون ڍڪي ڪس ۾ ڪستوريون مهڪي
عبادت گاهن منجھ پوءِ چو تا پهچو
عقيدن ۾ ورتل ساده دل ماڻهن کي
واعظن ۾ سامهون ويٺل پوئلڳن کي
اهو چو تا بانور ڪرايو ته قادر
دُعائن لئه بڻي هٿ ڪينون پنندڙن کي
نسل در نسل دانَ لئه پيدا ڪيو آ
اوهان پادرين مولوين پنڊتن کي
خداوند چونڊي بخشش لئه مُڪو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوهان وارن حُجرن ۽ راهب خانن ۾
گرجائن ۾ قائم ڳجهن تهخانن ۾
اِلهامي ڪتابن جي تدريس بدران
هي عشوه گرين تفرقن ۽ هٿيارن
ڪُوڙين سَنَدُن جا چو وهنوار تين تا
جنهن نفرت زده دور منجهه زندگيءَ جون
هر لمحي وڏي ذلتون آجيان ڪن
انسانيت جا مخصوص ٽيل ماپا جڏهن
ماضيءَ ڪي ڳلي لائي ڳوڙها وسائن
جيتوڻيڪ انساني عظمت جو داعي
ماضي پيي ڪو ايڏو چڱو ڪين هو پر
هيڙين حال جي پستين، پائمالين
موجوده ڪِريل ماٺيپي جي معيارن
گذشته سمورين بَدُين بداعمالين
چيسين شرمسارين ڪي شه ڏئي ڇڏي آ
جن دورن ۾ علمي ڪتابن جون ٽرڪون
ماڳهين پنهنجن نسلن ڪي پاڙهڻ جي بدران
ردين جي بازارن ۾ وڪري لئه پهچن
۽ وڪري جي ماليت ۾ حصن پتين لئه
جڏهن عملداريون بي شرميون لڳائِن
هي قومن جون معماريون ڪرڻ بدران
قومن جي تباهيءَ جو ڪارڻ ٿي اُيرن
اُنهن ڪان ته تيرينهن صديءَ وارا ڏاريا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سي ارغون، ترخان، مدد خان وارا
بي رحمين سان سنڌ جا پيليندڙ پلا ها
جن علم ۽ دانش کي نيشانبر تي ساڙيو
عالم آشڪارين سان ويرن کي پاڙيو
مگر سنڌ جي ساڃهه کي اُڏهي تي لڳندڙ
ڪوڙين ڊگرين جعلي پرتين ۾ ملوث
سوين علمي ادبي سماجي ادارا
سڏارن جي نالي پنهنجا پِيَ پَريندڙ
سنوارڻ بجاءِ سنڌ جي سُڃَ ڪرڻ وارا
ارب ڪرب اُڀَرڻ ڪانپوءِ پيي، جن ڪاڇي
ڪوهستان ۽ ٿر لئہ سُپت ڪونہ ساري
صدين کان تالابن، تراين تي پلندڙ
اجان تائين پلرن جي پالوت آڌر
ڏڪارن ۾ جيڪي ڏرا ڏئي وڃن ٿا
۽ هو ڏيهه ڏڪاريل ڏائڻ لوڪ جيڪي
ڪوڙن ڪاغذن تي تن آسروندن جي
علائقن ۾ نَدِيون نيساري چُڪا هِن
ڪالهوڪا ڪاهيندڙ تہ هڪ پيل ڪانپوءِ
تواريخ جي تحويلن ۾ هليا ويا
مگر روز سپنن کي تاراج ڪندڙ
هي پنهنجن لٽيرن ۽ گهلرن جا ٽولا
نئين سج سان سنڌ جو نئون پيلاڙو ڪن ٿا
مِٽيءَ سان سَون سيٽپن کي ڳٽائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنھنجين حرفتن جو کرو ڪاچ ڪائي
متيءَ جي پلوَ ساڻ ھٿَ ٻي اُگھن ٿا
تڏھن تہ سياڻين ڪِڏھن سچ چيو ھو
تہ پنھنجيءَ وڍيءَ جو ڪوئي ويڄ ناھي
خداوند! منھنجو حال منھنجي ماضيءَ کان
بيحد بدترين ڪشمڪش ۾ ٿو گذري
مادي دور جي ھن منافق سرشتن
سماجن جي اخلاقي پستين جي پيڙا
کان عاجز ٿيندي حال تان ھٿ کڻي مان
اُملتاسن ۽ سرڪنڊن جي وادين ۾
ماضيءَ جي ڇهڇ سبز گھاٽين ڍگھيرين
چوطرفن کان ڦھليل ولين، ٽالھين جي
ڇانئيرن ۾ غافل ٿي گم ٿيڻ ٿو چاھيان
پنھنجو جھور ۽ ھي نٻل جسم ڍاري
حسين چانڊوڪين جي ٻانھن ۾ ويھاري
تنھن پوڙھي پپل کي وري ٽيڪ ڏيئي
سامھون اُڏندڙن اُپ جي پنڇين کي گھوري
امن شانتيءَ چين سک ساڏنا جو
فسادن کان وانجھيل خدا جي دنيا جو
تصور ڪندي جڳ تياڳڻ ٿو چاھيان
ڇاڪاڻ ٿو تہ اُڏندڙ پکين جي پساھن
ڏانھن گولين جا نيشانَ ڪڏھن نہ ڪٽندا
جنھن نچڻيءَ کي مون ڏانھن اچڻو ھو تنھن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شايد بانڪپن جي بلوغت نہ ماٽيان
منڊيلا جي ملڪن ڏي رهندڙ رقاصہ
منهنجين سرحدن تائين پانيان نہ پُڄندي
نئين ڏينهن نَوَنِ وسوسن ۾ تو گهاريان
تہ مون سان يا مون بعد نسلن سان ڪڏهن
آزاديءَ جي شهزادي پرچي نہ پرچي
مايوسين سان ماضيءَ جي سانچن ۾ سانپيل
تنهن زنگجي ويل گهنڊ وارين صدائن
صدين جي پراسرار ساڳين سرنگهن
مان پنهنجا پڙاڏا ورائڻ تو چاهيان
آزاديءَ کي سامهون ڏسڻ جي سڌن کي
لاحاصل ٿيندڙ قوم جي خواهشن کي
بي ساهين اکين ۾ سمائڻ تو چاهيان
پويان ايندڙن ۾ پنهنجين محرومين جي
تسلسل جون پيوندڪاريون گهران تو
چاهيان تو تہ نسلن جي تجديد خاطر
اُنهن جي روحن منجهہ احساس وارا
هي توهر هميشہ ٽنبيل رهڻ گهرجن
هو چاڻن تہ هو بيٺڪي راڄ وارن
غلامن جي اڄ پيي غلامِين ۾ آهن

O



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪارونجهر ڀُري پيو

لَهُوءَ لَهُوءَ ۾ ليٽڙيل
ڪوسج سراب ۾ لٿو
تہ رات ڳرُ ڪٽي ڏٺو
گمان تي پيو ڳاج ڪي
ڪا سانت
ڪاٿُ پٿي هٽي
ننگر جي سرزمين ڪي
ڪامِات
جاتُ پَٿي هٽي
ڪي نور ازل ڪانوٽي
پپل جي پاڙ
تاڙ ۾
زماني جي هوا ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندر ۾ ڪوٽ ڪي پري
وفا جي آڙاڻي ڪري
جُڳاد ڪان
اڳي جو هي
جبل ٽا جهوريندا وڃن
پريان ڪٽان هو گهاٽ مان
پڏو تہ رات جو رڙيون
راوڻ ۽ راڪشش ملي
پپل ڪي پنهنجي پاڙ ڪان
ڏسو اُکيڙيندا وتن
اَجَل ڪي روبرو ڏسي
عجب يوائتي طرح
هو ڊيلان سينڊون ٽيون هٽن
يتون ۽ يُرت
سُڏِڪندي
چون پيا او ظالمو
مسافرن جي ڏيهہ سان
اوهان جو هيڏو وير ڇو؟
او روشنين جا رهزنو
اونداهين جي ديس سان
ڇو ازل کان انڌير ڇو؟
هُوجِن جون اَڪ قلين جيان
اڳيئي گوڙيون زندگيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري انهن ۾ حاڪمو!
توهر ۽ توهہ جو سُيون
چو پيا ٽيوئيندا وتو
سدائين جن جي سرزمين
بوند بوند لئہ سڪي
۽ جن جون پاسيريون رُڳو
ڳپين کي ڳولهيندڙيون وتن
اُنهن جي رڻ حيات کان
جبل جي اَيَلَ پيي کسي
چو کين روليون ٿا وچو
آهي ڪو ڪائنات ۾
جو هيڏي هن اَنياءَ تي
ترپلين جي گهاوَ تي
اُتي ڳٽائي احتجاج
ڏونڏاڙي جَڳَ ضمير کي
۽ مايا، موهہ جي پٽيان
صدين جي هن ثقافتي
قتل کي روڪائي سگهي
چو جو نئين ڦولار ۾
وُنَي ڪانپوءِ وَلَهار ۾
ولين جي واسجڻ لڳان
جڏهن جو سَنگَ جُهولندا
تہ مست چاندني تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇُلي شباب مان گُذي
پرينءَ کي ڀاڪيون وجهي
ڪِتي ۽ کهڙي ڪورتي
ڪندي ڳُجَهن جون ڳالهيون
آئنده ڪنهن ٻـ ميگهه ۾
نـ هوندي گڏ
نـ جهومندي
ڪاڏيل پنهنجي مورسان
نـ ئي اُماس رات ۾
ڪا ٻجهبي
راڙ ڪورَ تان
او لوڪو
اڪ پٽي ڏسو
ٻڌو تـ ڪيئن مشينيون
ٽيون سونهن ڪن ذرا ذرا
جُڳادري ڪلن پيا

۽
ڪارونجهر پري پيو
جُڳن ڪان ڇانورو ڪندڙ
هو جهونو وڻ جُهري پيو

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مگر جڏهن مان جُهور ٿيان

ڪو تمڪي ڏيئڙو اجان
۽ جِهمڪي جيئڙو اجان
ڪنهن بيد مشڪ ڏار تي
چُري ٿو چيهڙو اجان
ڪا گاج گونجَي گهاٽ تي
آ واءُ وَڏَ ڦڙو اجان
۽ سونهن جي سروپ تي
هُري ٿو هينئڙو اجان
آڏين جو سوچيندو وتان
ڪنهن جو هٽان ڪڙو اجان
ٿي پؤنر پؤنر ٿو پِري
اکين جو اولڙو اجان
ڪنهن ڳاڙهي ڳَلَ ڳٽول جو
لُيائي موهيڙو اجان
نِسنگ سنگ نينهن جو
وِصال وائڙو اجان
تون چرڪ پِر نہ چَندُ ڪر
وڏاءِ سِڪ وڙو اجان
هي مست مند مورچل
او گُجَرِ پِرِ گهڙو اجان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُري آءٌ منهنجي سهنج ۾
ڪا پاڪي لوهيڙو اجان
چانئٺ تي چنڊ آ ڪڙو
تہ چپ چو آ چڙو اجان
ڪي پيرَ ڪرڻ اوپدمٽي
پکيڙ ني پڙو اجان
ڇُلي تي رات شبنمي
۽ تاس پڻ تڙو اجان
هيءَ ڀنيرڪي ڀڄي پئي
سَوايو سونهن ڳڙو اجان
آ تاس اج بہ اوتري
جا پياس اگ هُئي جيتري
آءٌ اوري آءٌ پوپري
هي موج مينهڙو اجان
اجان اجان تہ هيءُ
جيءُ جڻ جوان آ

مگر جڏهن مان جُهورتيان
موتيل وهيءَ جو پور تيان
تڏهن منهنجي سُريت تون
خود ئي ملڻ ڇڏي ڏجانءِ
جو تنهن عمر ۾ شوق جو
سو چوه ئي نٿو رهي
الولين جو ايترو
ڪو موه ڪونہ ٿو رهي



Scanned with CamScanner www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتين پيي ناهي جو اسان
وڇوڙي جي هراس کان
نہ الوداع چئي سگھون
شناسائين دوران پيي
نہ اهڙيون حجتون رهيون
جو هڪ ٻئي تي اڻ وٽيا
ڪي فيصلا مڙهي سگھون
۽ ائين بہ ڪونهي جو ٻئي
فراق کان بي حال تي
ڪو پَلُ نہ جِي سگھيا هُجَئون
ڪڏهن ۽ ڪنهن بہ زاويي کان
ياد ٿئي جو اهڙو پنهنجو
سلسلو جڙيو هجي
نہ تون ئي مَنَ گھُري جيان
ڪي چاهتون وتيون ڪڏهن
نہ مان ضرورتن ڪانپوءِ
لُڇجي ويل انگن مٿان
وارفتگين مان وڦلجي
ڪو بوسو ڏئي سگھيو هجان
او گل پري اسان ٻئي
چتي شباب عهد ۾
پنهنجي وجود جي مٿي
بغير مَنَ ميلاپ جي
بنا ڪنهن امتزاج جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٺئين لٽايون ٽا مگر
سدائين حسرتون رهيون
تہ هَوس واري اَڻَ چٽئي
طمع کي بَندَ ڏئي ڇڏيون
سرير جي سنڀندڙ کي
اڻوٽ ڳنڍِ ڏئي ڇڏيون
دنيا جي ديد جا ڪي ڪاش
اهڙا ديده ور هجون
جو نسل جون امانتون
فخر مان ڏئي وٺي سگهون
۽ خودسپردگيءَ ڪانپوءِ
وجود جي حصار ۾
منهنجين رفاقتن جون تون
حفاظتون ڪندي وتين
چٽيءَ جي رات ماڻ مان
وڏي ڪنهن ميڙ جي اڳيان
تون مان حلالي ٻار کي
ڪو ٿهڪي ناءُ ڏئي سگهون
اندر ۾ آرزوءَ جو
دٻيل اهو ڏڙو اڃان

اڃان اڃان اڃان پيي هيءُ
جيءُ چڙ جوان آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ماٺهوءَ جو مانُ ۽ مريادا

هڪ سرسوتي هڪ هاڪڙو
بختاور ٻاگهل ۽ جکرو
ڏرتيءَ ئي سڀ کي دان ڏنو
ڏرتي آ. هَڙِنن جي هَستي

ڏرتيءَ جهڙُ ڏنوان نہ ڪو
هن پونءِ جيان پڳوان نہ ڪو
الزامَ کٽي انعامَ ڏئي
سَرِمستين جا سَوَجام ڏئي
هن سان ناتي جو اور نشو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جنهن کي پنهنجو نينهن ٻچيو
سو سِرُ سهسائي پيي نہ ڳُچيو
هو. روپلو هو جو دودو هو
سِرَ ڏڙ سوڍو ئي سودو هو
ڌرتيءَ جو تن کي چاهہ ڏنو
پڻ هِيءَ پڪو ويساهہ ڏنو
هيءَ جَنَمَ جيئاريندي تِن کي
جو هِن جي سينڌ سنواريندو
۽ پوءِ اهڙو اعلان ٻڌي
کنڌ ڪڙيچ ڪان ڄاڳي ٻئي وستي
ڌرتي آ هَڙِنن جي هستي

ڌرتيءَ جي مستي الستي آ
هن مستيءَ ريءَ ٻي پستي آ
سائبيريا جي پکين وانگي
جي پنهنجي پَر ڇڏيندا سين
گولين سان آڏاريا ويندا سين
راهن ۾ رُلايا ويندا سين
تنهن تاري جان، جنهن ٿاڪ ڇڏيو
بي نام ٻُلايا ويندا سين
ماٺهوءَ جو مانُ ۽ مريادا
اعزازَ لقب، تمغا، تحفا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سينن جو ڏرتي اوڍو آ
جنهن جو جيڏل کي جيءُ چيو
تنهن کي هن امرت پيءُ چيو
ڏرتيءَ جو عش انوکو آ
چنڊ وانگي چڪور جو ليکو آ
جو جيئن رَتو سو اِئين متو
ڪنهن ٻيءَ مڏيءَ تي ڪين ڪتو
جنهن متيءَ مان هو ڄائو آ
تنهن متيءَ جو رکوالو آ
هو سمجهي ٿو هو مرڙو آ
هيءُ جيءُ اڳي پو جُهرڙو آ
سنگهرن کان سڱ لنوائيندو
مرڪي نہ جي ڦاهي ماڻيندو
پوءِ ڪيئن ملهائيندو مَستي

هڪ سرسوتي هڪ هاڪڙو
بختاور ٻاگهل ۽ جکرو
ڏرتيءَ ئي سپ کي دان ڏنو
ڏرتي آ هڙنن جي هستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چيچنيا جو هر چؤواٽو

او جيءَ اُٽي
هُنَ پار هلون
هيءُ پار
وڃون ۾ ڄرڪا آ
هن ڌرتيءَ جو گولو سارو
سنسان ۾ سڏڪا سڏڪا آ
هيءُ ڪالهه
جو ڏيهه هو خوابن جو
جهرمر جهرڻن ۾ ڪرڻن جو
پَرِين ۾ پرين زادن جو
اڄ سارو
لاشا لاشا آ
تي خاڪ ويو
هڪ خواب نگر
آدرش ٽٽي پيا ماڻهن جا
سڀ نِير ڪٽي پيا نيڻن جا
هر طرف
لَهُوءَ جون هيڪارون
فيڊبر ۾ ڪير نه خون پريل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻالڪ جون تڏهن بہ ٻچڪارون
هُون هُون جون ٻاتيون هونگارون
ڪيئن ماءُ صدائون ورنائي
ڪيس ڪهڙيءَ ڇاتيءَ سان لائي
عضوو نہ مليل آ عضوي سان
تا حَدِ نظر هو ماسُ ڏسو
۽ لاش پسو شهزادن جا
ڪوپي تہ نہ آ
جو ڪنهن ڪي اُتي
هن برف جي وادين ۾ ڳولهي
ڪوه قاف سڄو لرزان آهي
هي ديس نہ ڪوشمشان آهي
ڪِردارَ
نانيءَ جي قصن جا
قتلام ٿيا
سنگينن سان
فلسطين ۽ بوسنيا وانگر
چيچنيا جو هر هڪ چوواٽو
منظر آ
شامِ غريبان جو
باقي ڇا رهيو هن ڪلجُڳ ۾
اوڇيءَ اُتي هُنَ پارِ هلون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وٺو متان ڪِري پوان

خُمارَ ۾ ’بِڌل‘ گھڙيون
هزارين حسن جون پَريون
متل، رتل آ ميڪدو
عجب سُرور تم چڙهيو
ڪِران ٿو آئتجان ٿو مان
وٺو متان ڪِري پوان
پيئان ٿو اڄ پريون پريون

قدم قدم تي ميءَ ڪشي
صراحين سان سرڪشي
رندن جون مست ٽوليون
غبارَ سيني ۾ ڪنيون
ڪنهن آجپي جي آس ۾
گلاس ڳَنَ ڳَر ڪيون
سَرشتي جي سڌار تي
سماج جي بگاڙ تي
بغاغا هُلُ بحث ڪري
دليل ڏئي ڏُڪا هٽي
وفا، وصال يارَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عمر جي پهرين پيار جي
تي ڪين جو خلش اُتي
تہ تي پون ذريون ذريون
پيئان تو اڄ پريون پريون

زماني جون شڪايتون
هزارين غمَ حڪايتون
ڏکن ۽ ڪربَ جا قصا
سين جي مختلف ڳتا
نشن ۾ پٽڪندا وتن
ٽِڙن ڪِرن، ڪِري اُٿن
مون وارا پيگ پڻ جهلي
ڇُڪو ڇُڪو سيئي وجهن
هَوسَ ۾ تنهن ڪانپوءِ پي
مان پنهنجو ڏار تو پريان
پتو ئي ڪين تو پوي
تہ چِتِ يا مان پيو ڦِران
پتين، ڪنڊن جي وَٽِ وٺي
ٽاہر جي ٽڙڪندي بچي
ميخانو مَسَ ڇڏيو اٿم
وڃان تو پنهنجو ڏگ وتيون
پيئان تو اڄ پريون پريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مَنُ جنم جنم کان اُجيارو

اج رات بہ
تنهنجين ڳالهين کي
نئينءَ طرح
اُجاريندا لمحا
کي دل جا اَڪا
اُڊڙي پوندا
اُٿلي پونديون سڀ ساروٽيون
اي رات!
ڪا جهت ترسي پئجانءِ
تنهنجو ٿوا جان اتهاس ڪپي
هِيءَ پل پل تنهنجو پويان مان
مان پياسو هان
پي تاس ڪپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

او ساقي
بند نہ ڪر ڪِڙڪي
ڪا ميءَ نہ تہ
ميءَ جو وَاسُ ڪپي
من جنم جنم کان اُڃيارو
ڪا دير
تہ تنهن کي شانت ڏيو
جهٽ ڪن لئہ
پنهنجن يادن جي
طوفانن کي ڪاسانت ڏيو
نيپوڙيو نہ منهنجن ساهن کي
ڪا دير تہ ساهي ڏيو مون کي
مان ساهہ پٽيان
ڪو واءُ جهٽيان
جو درد
سوايو آ مون کان
تنهن کي ڪنهن ڪاهيءَ منجهہ لٽيان
مان ٻيي
تہ ڪو آخر ماڻهو هان
هن دشت جي واٽن تي ڀٽڪي
ڪنهن چانوَرِ ويهڻ چاهيان ٿو
ڪن پورنماسين رِاتين جا
جُهڙَ چَندَ، اُفَقَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ جهاتين جا
ڪي عڪس چٽڻ دل چاهي ٿي
تو مون کان منهنجا خواب نہ کَسِ
اي دوست هڙئي ادراڪ نہ کَسِ
اڄ رات بہ تنهنجين يادن کي
نئين ءَ طرح اُجاريندا لمحا
اي رات اجان
ترسي پئجانءِ
ڪي گيت
پنيرڪيءَ جا ڳايان
مان سانول جي سارونڻين کي
هن جهونجهڪڙيءَ جو جهونگاريان
مان شاعر هان
مان راڳي هان
جهوراٽين وارا گيت لکي
سنسان سناٽن کي چيري
ڪا گونج ٿي گونجڻ چاهيان ٿو
پيڙائن جا پڙ لاءَ ڪري
پيڙائون نهوڙڻ چاهيان ٿو
مون ۾ اظهار جي شڪتي آ
من ناچو آ، تَنُ پگهتي آ
اي رات! جي پَلَ روڪين پنهنجا
اي سانت! جي سَلَ روڪين پنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ مون وارا جي باب سٽين
ميران ۽ ڀڳت ڀڏڻ ڪانپوءِ
منهنجن واڪن جا ورلاپ سٽين
خود ڀاڻ ئي ڄاڻي ويندين ته
هي درد سين جو ساڳيو آ
هر ڪوئي پنهنجي وجودن جو
ڪو پيڇو آ، ڪو آڳو آ
هي انت ماڻهوءَ جي اندر جو
ڀڳوان، پوڄاريءَ، مندر جو
ڪنهن ڪان نه لڌو
ڪوئي نه پُڳو
بنواسيءَ جان توڙي ماڻهو
جيون جي ڪشٽ کي جهاڳي تو
ٽُڙڳي، ساگر کي تياڳي تو
پر پوءِ پڻ سارو تاسارو
جَرَ جي ڳولها ۾ ويچارو
مَنُ جنم جنم کان پياسو آ
اوساڻي
بند نه ڪر ڪِڙڪي
ڪا ميءَ نه ته
ميءَ جو واس ڪپي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اُستاد! آئون ڪيئن مڃيان

اوسونهن ۾ سوڀيا جا شاعر
اوڏات ڏٺي
او وڻجارا،
هن يوميءَ جا
تارا، ٻارا
نٽ، ناد، نفيلون
توتارا
جن کي توڪلا ۾
جِلا بخشي
سي سڀ
تنها تنها آهن
دادوءَ
موري
جي پل وٿان
هر شام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شفق جو سڏڪڻ تا
سوچون، واڪا
سپ پٽڪن تا
او
ڇپرِن
مَنهَنِ جا شاعر
ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جا ساحر
تنهنجن لفظن وارن لهرن ۾
جو گيتُ
ٻڌي اُپري نڪتو
سو چڙ تہ امرتا ماٽي ويو
سِٽَ سِٽِ ۾
سڏڪا
گيتن جا
۽ وايون
باغيءَ جا ڪلما
تنهنجي فڪر ۽ ٻولن جو جادو
جهومي پيو
لاڙ سرو دادو
ب ٻ ت
نغمن جا شاعر
آئون ڪيئن مڃيان
تون هيل پنهنجين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واين ڪان وڇڙي ويو آهين
هن ڀونءِ جي
چارن، ڪنارن سان
آئون
ڪيئن مڃيان تہ ڪٿو ناهين
سنڌڙيءَ جي سانجهہ، سويرن سان
ڪينجهر، منڇر جي موجن سان
هِنَ ميڙ ۾
پنهنجن راڳين سان
هُنَ گوڙ ۾
ساز سوادن سان
گونجار ڪيون جو بيٺو آن
ڪُنڊ، ڪُنڊ
بخاري تي گونجي
ڌرتيءَ جا سهڻا جمالاچئي
ٻوليءَ کي نوان استعارا ڏئي
”اُستاد“
امرتا وٺين ماٺي
هر جُوڙِ
سان بيٺو ڳالهائين
يرَ ڏاڍو وڏو
سياڻو آهين
گيتن، غزلن ۽ قطعن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر جند ڪي بيٺو جهومائين
او سونهن ۾ سوپيا جا شاعر
اُستاد امر ٿي ويو آهين
او ذات ڏٽي
او وڻجارا
هن يُونءِ
جي گوشي گوشي ۾
سُرِهاڻ پکيڙي ويو آهين
سنڌ تنهنجي
قلمي پورهئي جي
هر دور ۾
قرضي رهڻي آ
ٻوليءَ کي
نئون اسلوب ڏئي
تو جيڪي
سلوڻا گيت ڏنا
تن گونجارن جي عيوض ۾
جا ناماچاري حق تنهنجو
سا تنهنجي
پلاندين پوڻي آ
او ذاتِ ڏٽي او وڻجارا.............



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ناچوءَ جا نغما

سڪ سوز فراق جي سورن ۾
توکان وڇڙڻ جي ويسورن ۾
مَنَ! عيد جي شغلن ميلن ۾
منهنجو آڳ تي ماتم جاري آ

لَوڪَ کان پنهنجي لوچَ لِڪايان
مُنهن تي زوريءَ مرڪ سجايان
لُونءَ لُونءَ پنهنجي لات ٻڌائي
شهرت اُچلي چيريون پايان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوين سُور وڇوڙا صدما ڳائي
بعضي ناچو بڻجي نغما ڳائي
ڪوڪارون ڪيان سڏڪارن ۾

هِير جو ڪوئي جُهونو بڻجي
ميندي َءِ وارو ٻروٽو بڻجي
سهڻي مان تنهنجي سينڌ سجايان
چمڪان چَڱن ۾ چَوٽو بڻجي
بعضي خوشبو بڻجي ڪِنڌران ٿو
ڪڏهن آجيان خاطر اُڌران ٿو
ويٺو وِره وسايان واٽن ۾

مجنو نہ مان ڪو ميهر آهيان
تَنِ جو نہ ٿي مان ثاني سڏايان
تنهنجو منهنجو پنهنجو ناتو
هر عاشق جو پنهنجو ڪاتو
تون ٻي ليليٰ نہ تون ڪاسهڻي آن
تون تہ ”تبسمَ“ جي مَنَ مهڻي آن
جَڳُ چيا بہ چوي اُفواهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خيالن جو صحرا

ستارن جي ٽِم ٽِم ٽڪيندي مسافر
خيالن جي صحرا ۾ گم ٿي ويو آ
وفائن جي اڻ ڪٿ مسافت ۾ ٿڪجي
ڪوِي سوچ ڏارا ۾ گم ٿي ويو آ

عجب رات آسن، نراسن ۾ گم آ
اُفق پنهنجن اونهن سناٽن ۾ گم آ
هجومن هوندي هيڪلائين ۾ گم آ
ڪوي پنهنجي ڳوِتا ۾ گم ٿي ويو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊسمبر جي سردين ۾ ٽڙڪن ٽيون لهرون
اُجالن ڏي اُپري اُڏامن ٽيون لهرون
ڳراٽين لئہ ڪنهن کي تلاشين ٽيون لهرون
سَمنڊُ هورا ڪورا ۾ گم ٿي ويو آ

اوڙي چَنڊَ! عڪسن جا اولا نہ ڪرتون
شمعدانُ تي چولين تي نہ ٻر تون
گويءَ کي ڪي ٻيون دلربائيون نہ گهرجن
هو پنهنجيءَ محبوبا ۾ گم ٿي ويو آ

قطارن ۾ ڪتين ستارن جون ٻتيون
ڪنارن تي ڪيارين ۽ ٻلبن جون ٻتيون
ٻرن ۽ وسامن ٻتيلن جون ٻتيون
سمان ڪنهن سندرتا ۾ گم ٿي ويو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# آجيائن ۾ پيهجندڙا ڪيون

ڪڏهن منهنجي گهر ۾ اچي ڏس تہ اڪيون
تنهنجن اهتمامن ۾ ڪيئن پيهجن ٿيون
اُميدون عمر جي ڪنارن تي بيهي
ڏکهن انتظارن ۾ ڪيئن پيهجن ٿيون

اچي ڏِسُ تہ منهنجيون ڪل ئي ڪائِناتون
وڏي تنهنجي قدمن ڪي ڪيئن سجدا ڪِن ٿيون
۽ قدمن تہ ڇا تنهنجي وک وک جي دَزَکي
چُمَي آجيائن ۾ ڪيئن پيهجن ٿيون

۽ واقعي اوسيئڙن جي هن موسمن ۾
اوجانان! جي سچ پچ اَچي تو پئين تون
اهو سوچيندي سڀ عمر جون نہ ڄاڻان
خوشيون سيسراتين ۾ ڪيئن پيهجن ٿيون

تبسم جي هُونئن تہ اُداسين جي دنيا
وڇوڙن، ويسورن، سودائن جي دنيا
تون پهچين تہ پوءِ ڏس اُمنگون بدلجي
جمالن ۽ جهمرين ۾ ڪيئن پيهجن ٿيون

O



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## قانون جو ٻهروپ

اڇو جهول پنهنجا
پري سڀ گلن جا
همالیہ جي اُڇيءَ
اُتاهينءَ تي ٻيهي
پليڪار چئون
سال جي نئين صبوح کي
وڇايون گلن جون پتيون چوڌڳن تي
کي مُگرا ۽ رابيل
دَر دَر ورهايون
ڏسي پل زمانو
۽ ڏي دَادُ مرکي
تہ کا قوم
مهراڻ جي ماتريءَ جي
وسي پئي
رَسي پئي
ويساهن کي ٻوڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳُڙي پئي
صدين جي پراڻن
تاريخي صفحن تي
ڪنهن دودي
ڪنهن هوشوءَ
جي معرڪن تي
فخر مان ناسن کي
ڦنڊاريون وتي ٿي
قومي ڪاڄ
آدرش
تصوف جا ورثا
۽
ٻي اَنت
قومي تقاضائون
جن کي
اسان روز
پيرن ۾ چيٿاڙيون ٿا
ڪن آدي جڳادي
ويساهِن جي آڌر
ماضيءَ واري مهذب پٽي جي پٿاندر
ڍُڪي،
عالمي، ملڪي
سطحي ميڙاڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ سرڪاري يا اين جي او جي ياڙن
تي پهچي
سيپتا جا قصا گهڙيون ٽا
ٽڏئون ٽا، ڪلون ٽا
ڪٽي ڪنڌ هلئون ٽا
مگر حال پنهنجي
جو هي حال آهي
جو ٿنڌي ڀهاول جا ويران رستا
جن تي مائيءَ جندوءَ جي
حاڪم ۽ زيبل
ڪنهن ٻاگهل
ڪنهن بختيءَ جي ٻي جُوڙِ ٻڻجي
جي ڪو
ڏاڍ، ڏهڪاءُ لَلِڪارين ٽيون
مُکي ٻيلي جهڙيون
۽ گجندڙ ڪُرياٽيون
هن ڌرتيءَ جي ويرين تي
غيض و غضب سان
مزاحمت دوران
پنهنجي ڀرپور سَگهه سان
جي اُلري
وڙهي
ڏڏڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گجڪارين تيون
تہ
پنهنجي ڪڙم جا
ڪئي مير جَعفَر
اُنهن کي
اَمُن ڪاڻ هاچو سڏن ٿا،
۽ بعضي
جرنيلن جي آڏو نہ جهڪندڙ
يگاني بهادر جي
پڳدارَ پٽ کي
جو چوندي
اونداهين ۾ ماريو ويجي ٿو
تہ
درٻاري ٽڪرن تي پلندڙ حواري
ايوانن جي هيچن جا
عادي جُواري
ههڙي ڪُوپي، ڪونڌر
واري مرتيي کي
لَهوءَ ۾ وهنجاريل
لٽيل قافلي کي
بہ
قانون جي بالا دستي چون ٿا،
۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قانون
جنهن کي
هن مسندنشينن
جُتين هيٺان
جڏهن بہ چاهيو لتاڙيو
وطن واري
اعليٰ عدالت جي منصف
کي
ڪينهوڙي وانگي
نچايو
ڪُڏايو
جو قانون
ڪڏهن تہ ٻرجهڙي ماڻهوءَ
اٽل، نظرياتي ۽ آدرشي ماڻهوءَ
کي جهنڊي
جلائڻ ۾ زندان ڏئي ٿو
۽
ڪنهن ويل
رنجيت سنگهہ واري ڏرتيءَ
جي اُگهِليل ايوانن ۾
قائد جو فوٽو
چيهاڙي
ڦاڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## تڪرا

پرزا ٻڌائي
ڪُتِن جي هيٺان
آٽي *ڪونڊيو وچي تو.
تہ قانون
پنهنجن
ڀهروپي دوڏن سان
تڪي گهوري
مرڪي نٽائي ڇڏي تو
اهڙيءَ هن
منافق سينواريل فضا ۾
اسان
پوءِ بہ سگهٽين
انائن ڪي گِهلي
قبيلن ۽ ذاتين ۾
ورچيا وتئون تا
اُنهيءَ ڪان ستو آ
تہ چئون آسمان ڪي
هن ڌرتيءَ ڪي هاٽي
ڏيڻ ئي تہ گهُرجي.

○

---

* ڪونڊڻ روڙ، پٽڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## او پرين! شل اچين

ساريءَ دنيا جا گل جن کي ڪاٻَر ڪيان
تن تي ساجن مان تنهنجا سنيها لکان
خوشبوئن جي هٽان روز نياپا مُنجان
هر ڪبوتَر ڪويليءَ کي ميڙيون وڃهان

دل کي سمجهايان ڏڙڪن وڃي زور سان
لڙڪ روڪيان تہ سڏڪا ڇُلن شور سان
سينڌ سرما سڳيون وارَ وکري وڃن
آٿتون رهندو ڦٽ سڀ اُڪيلي ڇڏن
سُورَ کهڙا سبان دَرِدَ کهڙا دميان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوڙها ايڏا ڳڙن پاند پسجي پوي
هر سڪي مون کي سرچائي ٽڪجي پوي
توبنا ڪنهن ٻئي سان وندرجي نٿي
ڪيڏي پاڳل آ دل ڪجھ بہ سمجھي نٿي
او پرين شل اچين ڳَلَ اُگهيو پئي اُگهان

تون جو ناهين تہ چو آئيني کي ڏسان
ڪيئن ٽي سينگارجان، ڪنهن کان مرڪي پڇان
چاندوڪين ۾ چرين وانگي لُڇندي وتان
ڪنهن سان پرچان رُسان ڪنهن سان ماڻا ڪيان
ڳو اَچي، مَنُ رچي، خوش ٿي تبسُمَ ڪلان

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڀتين تي لکندو وتان

تون جو خوابن ۾ هر روز ايندو رهين
مان هوائن کي ٻاکر ڀريندو رهيس
واءُ جهوٽن جاڳائي ڇيو ڙي ڇريا
او ڙي سپنائي تبسُمَ ازل جا ٻريا
رات ڀر ڇا ڪندو ٿو رهين ويسلا
مان ٻري ڇيم ڙي پورب جي پاڳل هوا
آجيان آجيان يار جي آجيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر بسنتيءَ ۾ مستي ڇلي شور سان
هيءَ ذڪر واءُ جهومي ڳُهلي زور سان
تنهنجا سپنا ڪنيون جهوٽا جهلندا اچن
دل جا احساس غُنچا ٿي ڪڙندا وتن
ڌڙڪنن ۾ رڳو آس جي نچ نچان

مان گلن کي ڏٺو جهومي جهوليا پئي
ڏِيد جي شوق ۾ ڇا تہ ڇلڪيا پئي
ٻارو ٻارو ملڻ ڪارڻ محتاج هو
توکي ڇُهڻي چمڻ ڪارڻ مشتاق هو
تولئہ آتو سڄو رنگ برنگ آسمان

تولئہ تبسمَ جو اُتساهہ اُٿلي پيو
سَمندَ ڇولين جيان سينو ڇُلڪي پيو
پاڳلن وانگي پٽين تي لڪندو وتان
شاعري، شهرتون شان شوڪت سڄو
گهور تنهنجي مٺان گهور تنهنجي مٺان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## تاسي هرڻي پل پياسي هجي

توکي چاهڻ ڪانپوءِ
دل لڳائڻ ڪانپوءِ
موسمن جا هڙئي رنگ پيارا لڳا
هنج پڙڪي اُٿيا
ساز جهومي چڙيا
تنهنجي ٺهڪڻ جا پر، چنگ پيارا لڳا

ذات تولاءِ جنهن پنهنجي محدود ڪئي
مرڪ تنهنجن چپن ڪاڻ مخصوص ڪئي
ٿنهن مصور جي شهڪار تخليق جا
سونهن کي تيئن سنوارڻ واريءَ سوچ جا
رنگَ برشن سندا، ڍنگ پيارا لڳا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهومي تنهنجي جسم کي جَي ڇهنديون رهيون
توکان ٿي منهنجي ڳلين ۾ ايندنديون رهيون
تن سمورين هوائن جي هٻڪار جا
ساهه سرهاڻ جي مست مهڪار جا
ونگ واسينگ جا، ڏنگ پيارا لڳا

گهاٽن ٻيلن ۾ شل گم رهن قافلا
منزلن جا نه سامهون رهن پيچرا
تاسي هرڻي پلي پياسي هلندي رهي
سِڪَ سرابن ۾ جند شال جلندي رهي
اهڙي ايذاءَ جا انگ پيارا لڳا

چاهَ، چانڊوڪيون زندگي سوجهرا
سونهن جون روشنيون حسن جا پرتوا
هيءَ حياتي "تبسُمَ" اُجايل رهي
محبتن جي رُتن ۾ وڄايل رهي
اڄ سونهين درد جا، ڏنگ پيارا لڳا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مُندَ، واءُ ۾ جُهمڪيون

چاندني چاندني
تون سچي چاندني
تنهنجو انگُ انگُ رَتلُ
چڙ ڪو جهومي ڪنولُ
مست نظرن مان جهلڪي
صبوح جي ڪِني

بُونَد برکا جا اُجري بدن تي ڦُڙا
بعضي چوڙيون وچن بعضي پيرن ڪڙا
انگ انگ جلترنگ چنگ گونجي فضا
موسمن تي چُٽي رنگ تنهنجي چُني

گفتگو گُلَ پتيون مشڪ تارا ڪتيون
هر بستيءَ ۾ مستيون مچن سونهن جون
نرت نظرون اُٽن گل جون گلڪاريون
هر ادا تان فدا رنگ ۾ روشني

تنهنجن نيڻن مان مند ڪرَ موڙيندي اُتي
ماڪ مهڪي مچي، باک رهندو رَچي
واءُ جهوٽن سان جهمڪين جي جهالرنچي
ساه جي هبڪار سان هير هر هر ڀني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چَنڊُ، سمونڊَ جي ٻانهن ۾

دل جون ويرانيون ڏيري ڏيري اچي
منهنجين تنهائين کي ڏنگينديون رهيون
چنڊ! آءُ تون ڪڏهن سمنڊ جي ٻانهن ۾
سَوَ ڀيرا ٿيون سدا تولئہ سڪنديون رهيون

درد ايڏو جيڏو سمنڊ جو پار آ
دل جي رُڃَ کي نہ در ۽ نہ ديوار آ
سُور جا هيڏا سيلاب ڪيئن روڪجن
ڪوئي سمجهائي ايذاءَ ڪيئن پوڄجن
آٿتون سُڏ ڪندي مون کان پڇنديون رهيون

پاچا پاچا حياتي ورڇجي وئي
ڪوهيڙن ۽ ڏنڌن منجھ گم ٿي وئي
ڪو ستارو نہ مان ڪا ڪتي تي سگھيس
ڪو بلب ۽ نہ مان ڪا بتي تي سگھيس
دل جون ڪل حسرتون دل ۾ دکنديون رهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نئين صبوح جي آجيان

هُوءَ باک جي
نئين نڪور
آس سوجهرا ڪنيون
هزارين حوصلا ڪنيون
صبوح جو سرحدون ڇُهي
مَچَي رَچَي تي روشني
اولوڪو!
هو ڏسو هُتان
شعاعَ تا ڇڻن پيا
۽ تار تار تان
ڪروڙين جِيوَڳَر ڪڻن پيا
سورج مکيءَ جي ٻار مان
انگور وَلِ، جُوار مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتڻ جون خواهشون ڪنيون
سَلاءِ سنگ تا ڦُٽن
لَهرَ لَهرَ
جون راڳڻيون
چولين جون چيريون ٻَڌِي
وِشالَ ڪائنات جي
ڪِنارِ تي ڳُڏن پيون

۽
ڪوڙ سارا جلترنگ
من اندر جي هَرِ اُمنگ
منجهہ تا وڃن پيا
لُڇي پڇي تي زندگي
چوي پئي تي
اي چريا
آءُ اڄ تہ نئين صبوح جي
اتاهہ آجيان ڪيون
هو ڪالهہ
جو ويو هليو
اُنهيءَ ڪي الوداع چئون.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## توکان ڏور وڃڻ ٿو چاهيان

مان سنڌءِ بزم ۾ هڪ پيرو اچي آهي ڏٿو
پنهنجِي ٻيهر نہ مان رُسوائي ڏسڻ ٿو چاهيان
مان ڇڏي آهي ڏني پنهنجي وفا جي دعويٰ
توسان اڳتي نہ مان ڪڏهن بہ ملڻ ٿو چاهيان

تنهنجي دنيا تہ آهي درد ستم جي دنيا
تو زوراور جي تہ آهي ئي ظلم جي دنيا
هيل تائين تہ حياتي آ ڪٽي صدمن ۾
سور سختيون نہ مان هاڻي ڪي سهڻ ٿو چاهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجن زلفن کي ستمگر تہ سنوارڻ خاطر
توسان کي چار پهر گڏجي گذارڻ خاطر
ساريءَ دنيا جو ڪنيو پنهنجي مٿان رنج والم
پرهاڻي توکان پيي مان ڏور وڃڻ تو چاهيان

جيئن اُٿيهينءَ جي ڪنهين رات جو گذري نہ پهر
يا سياري جي ڏکيءَ رات جو ٿئي ئي نہ سحر
تيئن حياتي، مان هڪ جاءِ بيهاري پنهنجي
ڪنهن بہ اُڻ تڻ ۾ نہ ڀٽڪيتن ۾ ڳرڻ تو چاهيان

ڪنهن آواره ۽ رولاڪ مسافر وانگر
يا تہ سوداءَ ۾ ورتل ڪنهين شاعر وانگر
جيڪو ڪجھ گذري ويو آهي حصو ماضيءَ جو
تنهن جيون تي نہ ڏينهن رات رُئڻ تو چاهيان

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مان ڇاڻان ٿو

هي دل جون صدائين ڊپائين ٿون ڇو ٿو
وڃي ڏور مون کان پوءِ روئين ٿون ڇو ٿو

پلي وچ ۾ پربت جون اوٿون ڏئي وڃ
سمنڊ جي تهن ۾ لڪين ته لڪي وڃ
وڃڻ ڏور چاهين ته پيارا پلي وڃ
وڃي واٽ تان مون ڏي موٽين ٿون ڇو ٿو

مان ڄاڻان ٿو مون کي وساري نه سگهندين
پنهنجيءَ دل مان هرگز ڌڪاري نه سگهندين
جدا ٿي ٿون مون کان گذاري نه سگهندين
ڪري زور جذبن کي روڪين ٿون ڇو ٿو

اِهي جيءَ جهروڪا ائين خالي رهندا
تبسم بنا ڪين آباد ٿيندا
وسارڻ سان ماڻهو ناهن وسري ويندا
ايڏو پاڻ کي آزمائين ٿون ڇو ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دَرَ بند ڪري ڇڏ

آءُ منهنجا نبري ويل ننڍپڻ
توکي ياد ڪندي نيڻن مان
نير نہ ٿا بس ڪن

روح وڪوڙي ويٺا آهن گذريل گهڙين جا پاڇا
يادن جون ديوارون توڙي ويڙهي ويا تنهنجا واڪا
من ۾ آڳ لڳي آهي ڪا، شعلا ٿا پڙڪن

سانوڻ ايندو سانوڻ ويندو خالي هيانءَ کي ڪير پريندو
در دريون سڀ بند ڪري ڇڏ پاڳل توڏي ڪوبہ نہ ايندو
ڇا لئہ آس رکي آهي تو ڇو ترسايئہ مَنُ

ڇو تو لڪ ڇپ جهاتيون پائين جيءَ جهروڪن مان واجهائين
ڇو تو صدائون ڏين صحرا مان ايڏو تون ڇو تو ترسائين
ايڏو پلا ويجهو ڇو آهين، ٿيءُ پري پل ڪن

هيڪل ويا ڪل روح اسان جو تنهائين ۾ گُهٽجي ويندو
اڏري اڏري پنڇيءَ وانگر هڪ ڏينهن هاءِ پڪڙجي ويندو
گهائي ويندو گهاءُ اسان کي، تڙپي پوندو تَنُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تو پيرن ۾ جهانجهر پاتي

تو چوٽيءَ ۾ گل جو لڳايو
شيشي اَڏو پاڻ سجايو
زلفن کي هر ڍاهيو ٺاهيو
سهڻو مکڙو سونو سارو
تڏهن تہ منهنجو من للچايو

سورنهن ئي سينگار سجائي
ڏاڍو ٺهين پئي پايل پائي
تو خود ئي محسوس ڪيو آهي
تڏهن تہ نڪتينءَ تلڪ لڳائي
تڏهن تہ منهنجو من للچايو

تو پيرن ۾ جهانجهر پاتي
سندر سُرَ ۾ ڇم ڇم لاتي
شوق منجهان ڇلڪائي ڇاتي
شام بہ ڏس آهي مدماتي
تڏهن تہ منهنجو من للچايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڳيون ساءُ

تنهنجو تہ حسن و جمال آهي اُهو ئي سائين
منهنجي هن دل ۾ الائي ڇو اڳيون ساءُ نہ آ

جو آئون پهر ويهي تنهنجي ادائن کي ڏِسان
تنهنجين يادن ۾ تنهنجي لاءِ نئون شعر لکان
منهنجي وجود کان جڏهن بہ وچين غافل ٿي
تہ مان آهستي تنهنجي پير مٿان پيرُ رکان

ڪنهن چشمي جي ڪناري ڪنهين وڻ جي هيٺان
تنهنجي صورت کي سڄي رات صرف ويٺو ڏسان
تون جو اعتراض ڪرين منهنجي انهيءَ گهورڻ تي
تہ پوءِ گستاخ نگاهن تي پشيمان ٿيان

تنهنجي واتئون مان جڏهن پنهنجو پرين نانءُ ٻڌان
تہ منهنجي ساري بدن ۾ ڪا نئين لهر اُٿي
تون جو نيڻن کي ڪپائي منهنجي نيڻن ۾ ڏِسين
ڇرڪندي ساري سڄڻ هستي ڏُڏي ۽ ڏَڙِڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مون کي روئڻ ڏي

تنهنجي دک درد تي جو نہ روئي پوان
تون ئي چئہ تہ تڏهن مان ڀلا ڇا ڪيان

پنهنجن جذبن کي ڳوڙها ٻڌايان نہ مان
نير نيڻن مان ڪڏهن وهايان نہ مان
آڳ اهڙيءَ طرح جو اُجهايان نہ مان
تہ پوءِ جند کي جلڻ کان مان ڪيئن روڪيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجا رنج و الم مرحبا مرحبا
سورسختيون ستم سو دفعا سو دفعا
رنجشن کي ٻه رک پاڻ وٽ پيل روا
مان نہ کجھ تنهنجِي ان کج روش تي کڇان

پيار جي رشتي ناتي کي تو ڇا ڏنو
مان رڳو پنهنجين تنهائين تي رنو
تو مسلسل ڇنو مان مسلسل ڳنڍيو
جنهن کي مان هو ڳنڍيو تنهن کي مان ڪيئن ڇنان

مون تي پابنديون ۽ تون ڪي پهرا نہ رک
زور جيڏا اٿئي مون تي ايذا نہ رک
منهنجي برداشت کان بارَ ڳورا نہ رک
درد جي اوڻرن کي مان ڪنهن سان سليان

مان جي روئڻ گهران مون کي روئڻ تہ ڇڏ
منهنجي روئڻ تي پنهنجو تون ٽوڪڻ تہ ڇڏ
دل جي تڙپڻ گهري تنهن کي تڙپڻ تہ ڇڏ
اهڙيءَ گُهٽ منجھ مان ڪٿ مري نہ وڃان

O



ned with CamScanner www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وسارڻ ڪو سولو تہ ناهي

ڳوڙها تنهنجن نيڻن ۾ آيا تہ هوندا
جي ڳاڙيا نہ هوندءِ زماني جي ڊپ کان
تو اکين ئي اکين ۾ لڪايا تہ هوندا

ڪنهن کي ايئن وَسارڻ ڪو سولو تہ ڪونهي
گهڙين ٻن گهڙين جو هي رولو تہ ڪونهي
عمر تائين چوندا آهن گهاءَ رهندا
تنهنجا يي پرين چاڪ چِڪندا تہ هوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اومَنَ! ٻاهران ڪيڏو پٿرلڳين تون
مون ڪان پڻ جيڏي چاهي نفرت ڪرين تون
ليڪن منهنجي نالي تي او منهنجا سائين
تو چرڪن مٿان چرڪ پريا تہ هوندا

مجيم تو چڏيا مون ڪان ويچا وڏائي
پنهنجا سارا پنڌ پيچرا ئي مَٽائي
مگر پوءِ بہ يي پڪ ٿم وساريندي مون کي
تو پل پل ۾ ڪئي گهاوَ ڪاڏا تہ هوندا

ساريون پيار واريون سي ڳالهيون پراڻيون
ٻئي چاهيون ٿا ٻيهر، نہ سي ياد آڻيون
مگر پوءِ بہ يي سارا زمانا ٻنهن کي
”او تبسُمَ“ هِينئين منجهہ هُرندا تہ هوندا

O



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## توريءَ ڪيئن جيئان ٿو

اکين جا جلوا اندر جا اُڌما
متان تون سمجهين جوان نہ هوندا

اُداس ڪيڏي آ رات تاسي
نہ چنڊ اُڀ تي نہ پورنماسي
تون آءٌ لڪايان سڄي اُداسي
نہ اک جا ڳوڙها نمايان هوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي تنهنجي آجيان هٹان هنبوشيون
ڇَپَر وڇايان جلايان جوتون
اکين جون ٻئي مان ٻاريان ڏياٽيون
ڇپن تي تنهنجا ترانا هوندا

پڇين تو توريءَ مان ڪيئن جيئان تو
اکين ۾ اوتر ڪنيون ڪلان تو
مان تارَ طوفانَ جيئن جهليان تو
تو اهڙا منظر ڏٺا نہ هوندا

هي پوه پارا ڪتيون ڪنارا
تنها تَبَسُم اُداس ٻارا
اهڙي سمان ۾ اوجانِ جانان
ڇا نيڻ منهنجا ڇُليا نہ هوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪراچيءَ جي ڳلين ۾ ماڻهن جا ماري
ڪوهستان، ٿر ۾ پکين جا شڪاري
نالَن جي نيشانن تي جيوت نچي ٿو
رَتَلَ سنڌ ساري، بهاري بهاري

رڳو ڏوهه پلجي رڳو ڊوهه پلجي
مندر، گرجا، مسجد ۾ پڻ موهه پلجي
اهڙين مصلحتن ۾ اسان ڇو گذاريون
اسان جي آ زاري.......

داداگيري، دهشت، عداوت، لچالٽ
ڇئنين پاسا لاشا ڇئنين پاسين وحشت
ڪجانءِ معاف جيوَن اسان جوا جان پي
جيئڻ جُهد جاري.......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الڳ ڏيڏ سيرَ جي سين جي جهڳي آ
ساريءَ قوم کي ڪا نظر وئي لڳي آ
ڪو قومي وچن گڏ رهڻ واري غيرت
پنهنجي نہ تہ اُڏاري......

هُنن جي اوباشي عياشي تي سڏجي
۽ آوارگي ياري باشي تي سڏجي
اُنهن جي ڪا ناري جي چاهي تي ڪنهن کي
تہ قتلام ڪاري........

ڪارونجهر ثقافت جو اهڃاڻ آهي
ٿَرِين ۽ ٿريلين جو ڄڻ ماڻ آهي
ڪُڏي مور جنهن ڪور تي پئي ٿهوڪيو
اُنهيءَ تي بہ آري.......

"تبَسُم" قَلَم وات جو ڪجھ تڪو آ
مگر ڏاڍَ سان گڏ رهڻ ڀي ڏکيو آ
ڪجو معاف جذبات ۾ جي چئي ويو
اوياري لهنواري.......

O



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هڪڙو صرف هڪڙو دفعو

چو نہ هڪ ٻئي جي وڇوڙي کي محسوس ڪري
هن جدائيءَ جي غمناڪ گهڙين جي عيوض
آءُ تہ هڪ ڀيرو نہ وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون

تون منهنجي ذات منهنجي ذات ڪسي وچ مون کان
آئون ڪجهہ ٻي نہ لڪان ۽ نہ سوچيان ڪجهہ ٻي
پر اُنهيءَ لاءِ صرف هڪڙو صرف هڪڙو دفعو
آءُ تہ هِڪُ ڀيرو نہ وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون

توکي ٻي تنگ ڪندي هوندي سڄي رات اِها
چانڊوڪيءَ رات ۾ تارن جي انوکي ٽِمر ٽِمر
اهڙي ماحول ۾ تيئن ياد ڪندو هو ندين تون
آءُ تہ هڪ ڀيرو نہ وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي محبت ۾ مجيم ناهي لطافت ساڳي
تنهنجي چاهڻ ۾ به سمجهان ٿو ڪمي آئي آ
پر منهنجي ماضيءَ جي محبت کي محسوس ڪري
آءُ ته هڪ ڀيرو نه وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون

مان جهڙيءَ طرح پنهنجو وقت گذاريان ٿو پرين
تون ڀي ان ساڳيءَ ڀيڙا ۾ ڪٽيندو هوندين
مون کي پڪ آ ته نه مان توکان وِسرڻو آهيان
آءُ ته هڪ ڀيرو نه وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون

مان چانڊوڪيءَ کي چئه ڪيئن ڀلا منع ڪريان
ته نه اُيري نه ڪِڙي منهنجي در ديوارن تي
تون ئي چئه جانان ڇا مون لئه اهو ممڪن آ
آءُ ته هڪ ڀيرو نه وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون

منهنجي بي لوث محبت جو ڀرم رکجانءِ تون
ءِ نه ڇڏجانءِ پنهنجي نرم ءِ نازڪ هٿ مان
منهنجو بي ڊولو صفا خار جهڙو کهرو هٿ
آءُ ته هڪ ڀيرو نه وڇڙڻ جو قسم کائي وٺون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيئندا رهياسين

ڪٽي جام ڳايو سونهن کي سنواريو
اسان مي پيئڻ ڪاڻ پهچي وياسين
اوهان اڄ اسان کي پيئاريو اڪين مان
پرين جام مان پي پي ٿڪجي پياسين

ڏسو اڄ اندر کي ڪيڏو هيج آهي
اوهان وٽ اچڻ جو سچو ڇيچ آهي
اوهان وٽ اچئون ٿا تہ جهومي پئون ٿا
اوهان کان الڳ ٿياسين بيحد رُناسين

اسان کي اصل کان اهو شوق آهي
تہ جيڪر اسان کي پيئاريو اڪين سان
اسان جامَ تڏهن تہ اوجانِ جانان
اوهان جي اچڻ ڪانپوءِ اُچلي چڙياسين

اسان مست ماڻهو نہ ڪنهن جا مياري
ڇا چاڻئون تبسم تہ ڇا هي خواري
هجي ها جي پيو ڪو تہ ليڪا ڪجن ها
اوسپرين اوهان سان ڪهڙا ضد ڪنداسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## خاڪَ ۾ ٽانڊا، چڻنگون آهن

شعلا شعلا ٻاھيون ٻاري
دردن کي تون دکائين ٿو
خاڪ ۾ ٽانڊا چڻنگون آهن
خِاڪ کي ڇو ڪنڌرائين ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باک ڦٽيءَ جو ٽاک ٽٽيءَ جو
يادون تنهنجيون شعاع ٻٽيءَ جو
سانوڻ ۾ جڻ هير ڏکڻ جي
يا گل، غونچ کو چيٽ ڦٽيءَ جو
ايڏيون ساروڻيون ڪيئن وساريان
چو مون کي سمجهائين تو

پُورَ الائي ڪيئن پلبا هِن
جذبا پنهنجا ڪيئن جهلبا هن
ديوانن ڏي، دل وارن ڏي
پٿر ائين نہ اُڇلبا آهن
چوٽون ڏيئي، چُرچون ڏيئي
مستن کي مچرائين تو

آئيني ۾ عڪس آ تنهنجو
سانڍي رکيو آهي ڪڏهن جو
تون ڇا ڄاڻين تون ڇا سمجهين
سڀ ڪجهه اهو آهي تبسُمَ جو
خيال تہ ڪِرڪو ڏيان تہ ڏَرِ ڪو
چو شيشو اُڇلائين تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ديپڪ سُرن ۾ صدائون

سهيڙي سهيڙي تڪو آهيان جيون
جيون آ جو مون کان نٿو ميڙجي
انوکن آلاپن جا پيچا ڪيان ٿو
مگر ساز مون کان نٿو ڇيڙجي

اُڏامي ٿو اُڀ تي ڏسان ٿو پکيءَ کي
ڪا اَڄ ڳولهي، بعضي تلاشي سکيءَ کي
هوائن نه ڇاتيون سندس ڀاونائون
نه ڏک ويسلي جو مون کان ووڙجي

ڪيڏارن سان ڳونتَلَ دلين جون ڪٿائون
دکن هاٽيون ديپڪ سُرن ۾ صدائون
نه سونهون نه سرتو نه جَڳ آشنايون
رٽن جي سفر ۾ ڪنهن سان روئجي

هي گونگيون زبانون ۾ ٻوڙا زمانا
دلاسن ۾ دلبن جا جهونا فسانا
جُڳن کان وڇوڙن جا ساڳيا ترانا
پُراٽين ڪهاٽين کي ڇا ڦولهجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## رنڊين ساڻ ڪوٺن تي عُمريون گذاري

مان بي نور واٽن جي اُجڙيل ايا ڳڻ
سدا سبز ڌرتيءَ جي
اهڙي سهاڳڻ
جنهن کي سياهه ڪارَن
ڪُڌيون ڪِرتون ڪندڙن
ڌوهارِن
سدائين پئي ڪاري سڏيو آ
او چنڊ!
ڪاري اُپ جا
حسين چنڊ منهنجا
منهنجين گهگهه اونداهين ۾
پَلُ کن لهي آ
اچي منهنجي
ڪارنهن کي اُجرو ڪري وڃ
توکي تنهنجي
اُجري حسين روپ جو سُنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏِنل تهمتن جون چِٽايون ڪري وچ
دنيا ڪي چٽئي وچ
تہ مان ڪاري ناهيان
بنه ڪاري ناهيان
منهنجو ڏوھہ آ جو
مان ڀروپي جڳ جي
هن مرداڻي سياه رُو سماجي سيٽ اپ ۾
ڪوڙين مڙسين جي غرورن ۾ ورتل
ازل کان ئي ناقص، ناهموارين جي
ماحولن ۾ تاتِي
نپائي وئي هان
۽ مردانگي!
جا صدين کان مروج
آنائن سان گهيريل چسين برترين ۾،
سامُڙسي! جا پنهنجن ٻٽن معيارن جي
سينواريل سرشتن ۾ مڪروهين ۾،
نوابين ۽ سردارين جي نشن ۾
رنڊين ساڻ ڪوٺن تي عمريون گذاري
۽ پڙ ڪِن رکيلن سان جوڀن نپوڙي
عياشين ڪانپوءِ وارين پاڇاٽين ۾
مسين گهر جي وياءَ ڪاڻ حيثي تي ڳولهي
اُن عرصي ۾ جواني جو ڦوٽهڙا ڏئي تي
گلابن جي موسم، حسين هرياڻين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪورَي اُجري بت تي احساس جون ڇهنڊيون
هن پَوتر اندر ۾ ڪي جنسياتي رُهنڊون
عجب هلچلن ۽ غضب ولولن سان
اُمالڪ جو ڳيچي
ڪي اُڌما ڏين ٿيون
تہ فطري تقاضائون
پيلهپ ٿيون طلبن
۽ پوءِ انهيءَ دوران
بي اختيارين ۾
جي ڪا دل لڳي
روڳ بڻجي ٿي ڇُهتي
تہ چرپيلين جهڙيون چاهنائون سانيي
پنهنجين اڻ ٽيٽين جي اَرتين ڪي گهليون
صدين جي رڻ منجهہ رُلندي رهان ٿي
پلاندن، ڇَتَين ۽ ڏي وٺ جي ڪُريتن،
حقن بخشرائڻ جي رسمن ۽ ريتن
الائي تہ ڇا ڇا ۾ جڪڙي وڃان ٿي
مان قرضن، حقن ڪي
هڙپ ڪندڙن جي
گروهي واپارين ۾
ڦاسي پئي هان
اهڙين بي گناهين جي
ماتم ڳرين لئہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪن اڻ ڪيل خطائن،
ڏنل تهمتن تي
صديون اڳ ۾
ڏرتي ڏُٻي، ڏٻجي وئي هئي
موهن جو شهر
پڻ دڙو بڻجي ويو هو
پٽائيءَ جي روضي کان ايندڙ هوائو
ڪارين ۾ ستين جي ويران قبرستانن
لتيل ماءُ جي سيني مان اُٿندڙ صدائو
قَرن سان وڍيل
منهنجي ريتي جسم مان
ٺيندڙيون ٺينديون وهندڙ
لهوءَ جا ٻه ٽي ٻُڪ
پري انڌيءَ ٻوڙيءَ منافق دنيا جي
گناهن سان چچريل
قبيح ڪاري منهن تي
مَلي ڪيس ٿُوڪي ورائي ٻڌايو
تہ مان ڪاري ناهيان
ها مان ڪاري ناهيان
ناهيان مان، ناهيان مان
ناهيان ڪاري ناهيان.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڪاش جو سُرمنڊل،[1]
ڪڪري ڪٽي ڳائي تي،
سنگيت سٽائي تي........

آڪاش گجي تو پيو
آڪاش وسي تو پيو
مُندَ مهڪي مِلاپن جيءَ،
مَنُ زور مچي تو پيو
سانجهي سُلِگائي تي،[2]
سنگيت سٽائي تي...........

چِتَ چورَ ۾ چاهُ مچي.
مَنَ مور وتي اُڏندو.
ڪجلي اَڪِ نوريءَ جي.
تجليو تڙِ ڪينجهر جو.
رُتِ رَنگ وَسائي تي.
سنگيت سٽائي تي......

ڪومل مَنُ ڪڪريءَ جو
سڏڪار پريون روئي،
ڪاري اُڀ جي چُني پائي،

---

[1] سُرمنڊل: تارن جو ساز گويا استعمال ڪندا آهن
[2] سلگائڻ: ڌُکائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳِلَ ڳوڙهن سان ڏوئي،
ملهارُ مچائي تي،
سنگيت سٽائي تي.........

نچٽي منهنجي موهن جي
اهرام مصر وارا،
اسپين جون بازاريون
يونان جا اوتارا
تهذيب تنواري تي.
سنگيت سٽائي تي.........

مَهِڪار مَتِي مستي.
ڪِيڪاري سجي وَستي،
ترَ پاسِ ڪليون ڪنوٽيون،
دُلهن آ بٽي ڏرتي،
سَرِتي سِڪَ ساهي تي.
سنگيت سٽائي تي.......

هُبڪار هوائن ڪي،
گجگوڙ گهٽائن ڪي،
ڪي نياپا ڪنيون، ”تبسم“
پڙلاوَ سَڏنَ ڪنهن ڪي،
ڪنهن جو واءُ پچائي تي.
سنگيت سٽائي تي.......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# کاری

میں تاریک راہوں کی
تنہا ابھاگن
سدا سبز دھرتی کی
ایسی سہاگن
جسے کالے لوگوں نے کاری کہا ہے
مگر آج میری یہ ہی التجا ہے
کہ اے چاند آؤ
گواہی دو میری
میں کاری ہوں
یا اس جگت رِیت کالی
او کالے اُفق کے
حسین چاند میرے
آؤ اپنے کرنوں سے
اس بانکپن کی
میرے اُجلے پن کی
گواہی تو دیدو
میں وہ کاری ہوں
جس کی نس نس سے رِس کے
سچائی نے سینچی ہے رسمِ وفائی



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

میرا جرم یہ ہے کہ
آنکھوں کے آنگن
گلابوں کے موسم میں کھلنے لگے تھے
اور اس انجمن میں
یہ دو نین دوارے
کسی اجنبی کو بلانے لگے تھے
تھیا تھیا اپنے سیّاں کی گلی میں
دیوانی پھری اس کو بہلا رہی تھی
اور اس پی کے آنگن
کھڑی اونچی بیری
کی چھیان تلے
جھانجھ چھنکا رہی تھی
یقین جانو میرا یہ ہی اِک جرم تھا
کہ قاتل نے اپنے
گناہوں کے خنجر
میری معصومیت کے گلے میں اتارے
میری بے گناہی، ناکردہ خطا پر
لوگوں کی عطا کی ہوئی اس سزا پر
موہن جو ڈرو کی وہ شہکار نچھٹی
وہ اپنی سبھیتا کی سرکردہ سجنی
مہکتی، دمکتی حسین سرزمیں سے
وہ اپنی ہی مٹی کے ہر اک مکین سے



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسی کج روش پر ابھی تک خفا ہے
اٹھو لوگو ماتم کرو اس رسم کا
مٹا دو جہاں سے
چلن دو غلے پن کا
میں مجرم ہوں
تو سب شریکِ جرم تھے
ہاں پر مرد ناطے
وہ اس سے بری تھے
او نو خیز سورج کی چنچل شعاعو
سندھو جل کو چھوتی
مہکتی ہواؤ
ابھاگن کے خوں کے سرخ آبگینو
آؤ میرے ماتھے کا جھومر تو چومو
پورب اور پچھّم کی اُڑتی ہواؤ
آؤ مجھ ابھاگن کو سینے لگاؤ
میری مانگ سے خوں کے چھینٹے اُٹھا کر
درندوں کی نسلوں پہ کالک سجاؤ
کہو وحشیوں کو میں کاری نہیں ہوں
کسی اور کا میں کرن بھر رہی ہوں
میں کاری نہیں ہوں
میں کاری نہیں ہوں

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نيون ڪربلائون

ڪيسوڦل جي سهڻين قطارن تي شايد،
هيلوڪين بهارن جي ٻارين تي شايد،
حسين پوپٽن جون اُڏارون نه ٿينديون،
چنبيلن تي ٻيهر سي شامون نه اينديون.
نه ڪي آڳرن ۾ ڪي رابيل ڪڙندا،
نه ڪيارين، ڪونڊين ۾ رَتَن جوت ڦٽندي،
نه بصري ۽ بغداد جي سرحدن ڪي،
نه ڪو ڪنهن اَبهم ٻارجي* هونگڙين ڪي،
صبوح جا سويرا پليڪار چوندا،
ربابن تي رقص ۽ رُباعيون نه چڙنديون،
نه صحرائي خيمن ۾ لڳندا جهميلا،
نه ڪونجون سنجهائن جو ورنديون وٽن ڏي،
قداور ڪجين ڪان نه تارا تڪيندا،
نه ونين ڪي پهچنديون وصل جون نويدون،
نه واريءَ ڪي چمندا ڪتين جا سنيها.
چو جو هيل ٻيهر ڪنهن ماريءَ جي مُکَ تي

---

* ننڍڙي ٻار جا آواز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انساني آزاديءَ جي بنيادي حق تي،
بمن، بارودن واري موسم وري آ،
ڪروزن ۽ اسڪڊ ميزائلن جي ڄرَ سان،
وري ڪا زمين ٽامڻي ٿي پري آ.
وري ڪالهه وانگي صفا مروه وچم،
حياتيون جياپو تلاشڻ ڏڪن ٿيون.
وري بيوسيون ڪي، ڪرشما ٿيون چاهن،
نيون بي حسيون ڪربلائون گهرن ٿيون.
او آقا! جهانن ڪي الفت کپي ٿي،
امن آشتيءَ جي بشارت کپي ٿي.
خليجي بازارن ۾ قتلام آهن،
ڪيڏا * ڪارِزارن ۾ ڪُهرام آهن.
لهوءَ ليتڙيل لاش ٽينڪن ۾ چٽجي،
ضميرن ڪي نوڪي لپاٽون هڻن ٿا،
وڏي واڪين دنيا تي ٺُوڪي چون ٿا.
ڪيسوڦل جي ڏکين قطارن تي شايد،
هيلوڪين بهارن جي پارين تي شايد،
حسين پوپٽن جون اُڏارون نه ٿينديون،
چنبيلين تي پيهر ڪي شامون نه اينديون.

---

* جنگ جو ميدان
(عرق ۽ اتحادين آمريڪا، برطانيه، اسپين ۽ آسٽريليا جي جنگ جي پس منظر ۾ 2. اپريل 2003
ڏاري لکيل نظم)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڌرتي، سرتي

او ڌرتي! مان تنهنجي رَخَتِ ڏيندي ڏيندي،
رهندو تنهنجو قرضي مان ٿيندو ويان ٿو.

منهنجي جسم واري مٽيءَ جي حصي کي،
تنهنجا ٽورا، جو ڪُن ۾ فَيَڪُونَ ويلي،
پنهنجا وارثي ڏئي تو پنهنجو بڻايو
نہ ڄاڻان، نہ ڄاڻان تو ڪيڏن جُڳن کان،
منهنجو خاڪي چاڻو تَهن ۾ لڪايو
منهنجي ڏات ۾ ذات جو تاجي پيٺو
اَلولين، اُداسين ۾ لوچن جو ڪيٺو
چٽين چاندوڪين، باک، بلبن جون جوتون،
حياتيءَ جي * حسناڪين واريون سوچون،
وڇوڙي جا نوحا وصل جا جمالا،
غلاميءَ، غريبيءَ جا پٽڪا، پاچارا،
تاسارن چپن ڪاڻ، سنڌوءَ جي ڌارا،
بکئي پيٽ لئہ سنگَ، ڪٽڪن جا ٻارا.
منهنجي ڀاڳي وارا بچائي رکيا ها،
صدين کان تون مون لئہ سنياري رکيا ها،
"تبسم" جي مٽيءَ پِنوڙي تي ڌرتي،
سندس جسم جي هر ذري تي او ڌرتي،
ٽُنهنجا اَڻ ڳڻيا ۾ اڪيچار ٽورا،

* خوبصورتين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگر ٽُنهنجو تنهن ڪان اُتم تورو آ جو
منهنجين ڏڙڪنن، دل جي هر دڪدڪي جو
جياپي، جنون جي سچي فلسفي جو
سچي نيڪ ناميءَ ۽ شهرت جو مرڪز
غزل، گيت، وائيءَ، هائيڪي جو محور
سدا سبز گوشي جي سهڻيءَ گهٽيءَ تي،
تنهنجي پاڪ پوترتا واريءَ متيءَ تي،
او ڌرتي! جيڪا سونهن سرتي رهي تي،
سا سرتي تہ منهنجي سچي شاعريءَ ۾،
سندرتا جون سهسين رنگينيون پري تي،
وڄن جان وراڪن ۾ گونجون گڄي تي،
پري ڪان پُڄي پاس گم تي وڃي تي،
صبوح شام سوچن ۾ لهرون لُڙهي تي،
شفق ۾ لهي چاندنين ۾ ڪِڙي تي،
وڙهي تي رُسي تي، رُسي روئي پئي تي،
وڏي ڳالھ منهنجين ڳراٽين وجهڻ تي،
وري ساڳيو مونساڻ پرچي پوي تي،
سِٽن ۾ سيبتا جون سُرڪيون پري تي.
تنهنجين سانورين سانجهين ۾ او ڌرتي،
مِٺين منچلين موسمن ۾ او ڌرتي،
هُڳائن سان پنهنجي حسين بُتَ کي مهٽي،
سڳنڌن سان وهنجي سُرهاٽيون سجائي،
سنڌوءَ پر تي گهاٽا ڏگها وار چوڙيون،
گُجر، * هُرمچي تي نوان ويس پهريون،

* اوائلي پيرت جو نمونو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڪوريل انگن کي اُجاريون، هلي تي،
چُنيءَ کي ڏندن ۾ چڪي جو تڪي تي،
پٽيهر پيرن منجهه پايل ٻڌي تي،
۽ توتي جڏهن ڊيل وانگر تلي تي.
تڏهن منهنجي اندر جي پاتال ۾ تون،
او ڏرتي! ويتر پختيون پاڙون هڻين تي،
تون اِدراڪ ۽ احترامن جون زياده،
اجان زور سان مون ۾ ميخون، جَڙين تي،
تنهن بعد ئي تصوف جا ورد ۽ وظيفا،
مٽيءَ سان ماٽهوءَ جي سنبنڌ جا سرشتا،
چمين، چاه، چُسڪين ڳراٽين جا ڪشتا،
نباتن، پتاشن، ٻَنديرين جا ڳُتڪا،
انوکين ادائن، اشارن جا چُتڪا،
او منهنجي مٽي سنڌ تون ٽي پوين تي،
جيڏل: تيئن تو جند ساڻ جڙجي پوين تي.
تون ايڏا جو اُتساهه آڇيون اچين تي،
پساهن سان گڏ پيار پاٻوهه ڏِين تي،
تڏهن مان تہ پنهنجي سچي شاعريءَ ۾،
پنهنجي آپ بيتيءَ واريءَ ڊائريءَ ۾،
ڳائيندو وڄائيندو لکندو وتان تو
او ڏرتي مان تنهنجي رخت ڏيندي ڏيندي،
رهندو تنهنجو قرضي مان ٿيندو وڃان تو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دنيا جو نوحو

همسفر هل تہ هلي چنڊ جون قارون ٽا ڪيون،
ڪي ڳيا نان، تہ ڪي گهر جون ديوارون ٽا ڪيون.

آس جي تاس ۾ جنمن ڪان اُجايل ماٺهو
روز دردن جا بيابانَ لتاڙيندو رهيو
ڪيترا چنڊ * اُلهيا، ڪيترا سورج اُڀريا،
وقت ڪتين ۽ ستارن کي ڏڪائيندو رهيو
ڪيتريون موسمون بدليون، ڪيڏيون تهذيبون مَٽيون،
درد پوءِ ٻي نہ گهٽيو پوءِ ٻي اُداسيون نہ ڪُٽيون،
روم، يونان، مصر، قيصر و ڪسري جا محل،
ڪوه قافن جون پريون، ديوَ خزانا دفنيل،
تاج، تختن ۽ طلسمن جون فريبي ڳالهيون،

---

* لهي ويا، غروب ٿي ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ريشمي ويس، اُچا طعام، پوشاڪيل ٿالهيون،
ڪا، لٽي ليڙ، ننگي انگ کي اوڍي نہ سگهيون،
ڪنهن بکئي پيٽ کي ويلي تي ڀُيو ڏئي نہ سگهيون،
تون ۽ مان تِن جون ڇو جانان پو پچارون ٿا ڪيون،
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون قارون ٿا ڪيون.

مفلسين وارو سڄو سارو سرابن جو سفر،
غربتون جن کي نہ فاقن نہ بيمارين جو ثمر،
ڪو جياپي جو حسن، سونهن نہ ڪا آس سُجهي،
قيدخانن يا غلامين ۾ عمر ڪٽبي رهي،
نامرادين نہ ڪو مايوسين جو زور ٽٽي،
لوهہ جسمن کي ناڪامين جا تَوَ تپائي ڇڏن
جن جوانين کي اُداسيون صفا ڇيڙائي ڇڏن،
ڪاوِڙين ۾ سي پنهنجا ڳاٽ رَسُين تي چاڙهن،
سرد لاشن کي چمي، مائرون موڙون جو ٻڌن،
اهڙن المين ۾ ڪچا ذهن ڪلاتيون ڪائن،
غم جي اوتر ۾ نہ منصف نہ مسيحا کي مجَن،
باغي ويساهہ ڇَونِ ڪنهن کي ڪوڪارون ٿا ڪيون،
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون قارون ٿا ڪيون.

دَرِدَ، دولاب ڏکن بعضي دلاسن جون پَرِيون،
ميلَ ميلاب ۽ مُرادن کي مَلهائڻ جون خوشيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قوهَ خوابن جا اڪين منجهه سجيل تاج محل،
دلبريون، دوستيون، ديوانگيون، شادين جا شغل،
اوچتو درد جي ڦيٿي ۾ وچڙجي تا پون،
عشق، آوارگي، غمَ پيٽ جا گڏجي تا پون،
عارضي ڪيف تڏهن طيش ۾ سگريٽ پري،
موت مادن کي سِرنجن يا پائيپن ۾ جهلي،
بند ڪمرن جي ويرانين جا حصا تي تا پون،
پنهنجن جگرن جون دَوائون نہ دُعائون ماٽِن،
رُخصتين واريون رُباعيون نہ وِداعيون ماٽن
اهڙن دردن جون اسان دل ۾ مزارون تا ڪيون،
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون قارون تا ڪيون.

هي سياست جا سرشتا منافقن جا گروهہ،
خانَ، سُلطان، رئيسن ۽ نوابن جا انبوهہ،
پنهنجين عزتن کي اُتاهان، اُچا خطاب ڏئي،
پنهنجن نطفن کي اعليٰ نسل جا القاب ڏئي،
باگڙين، ڪولهين جوڳين ۽ جماندارن کي،
ڪڙمي، ڪمدار، آڏن نوڪرن ۽ راڇن کي،
قسمتن بدلجڻ جون ڪوڙيون آٿتون ڏيئي
شُودرن واريون فيصلن ۾ تهمتون ڏيئي،
ڪن حوازادين جا انگ اُڌيڙيندا رهيا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ڪُتا، ڪا نہ ڪا [1] مختياران اُگھاڙيندا رهيا،
ڪن جي مجبورين ڪي مفلسين جي آرِين ۾،
بک جي ڪارائين، دردن جي مُڏن ڪرڻَن ۾،
چيري ڦاڙي وڍي ٽڪرن ۾ ڪپي پور ڪري،
هڙ جياپي جا وسيلا بنه ڪمزور ڪري،
ڪانئڻ ورڪر يا نعريباز جي ونگار وٺن،
اُچي منصب تي پهچي آسرن جا عرصا ڏئي،
سندن عُمريون پنهنجيءَ اَڳَ پوءِ ۾ خرچيندا وتن
اهڙي مَڪارَ [2] منش تي مَلامتُون تا ڪيون.
همسفر هلي تہ هلي چنڊ جون ڦارون تا ڪيون،

ڪنهن بہ سُقراط يِتائيءَ نہ ڪو برٽينڊرسل،
ٽالسٽاءِ، مارڪس نہ لينن نہ ونسٽن چرچل،
ڪنهن بہ رجنيش، مهاوير، گروءَ، گوتم ڪان،
ءِ نہ ارتقا جي محرڪ، عظيم آدم ڪان،
آڍيسين، مثنوين، چچ نامي، شاهنامن ڪان،
آسمانن جي مقدس اِلهامي نياپن ڪان،
پنڊتن، پاٺڪن، لوڪن نہ راڄ ڏانين ڪان،
نظرين ءِ نہ ڪو مذهب جي فلاسافين ڪان،

---

[1] پنجاب جي ڳوٺ جو قصو جنهن ۾ ڳوٺ جي وڏيري نجي فيصلو ڪري مختياران بيبيءَ سان زنا ڪرڻ جو.......... ماڻهن ڪي حق ڏنوءِ پاڻ بہ سرعام عزت لٽي، مختياران جي ڀاءُ جو ڏوهہ اهو هيو جو هو وڏيري چواڻيءَ تہ شودر ءِ ڪم ذات هيوءِ سندس ڀيڻ سان عشق ڪندو هو.

[2] منش: ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسجدن، مندرن، چرچن جي چؤديوارن ۾
سنت، صوفين ۽ سنياسن جي آستانن ۾
ڪنهن به * آشرم ۾ هي ڪم ذات مطمئن نہ رهيو
نفسُ، بي نفس پنهنجي سوچ ۾ بي چين رهيو
ڪن پڇاڻن لئہ پاتالن ۾ پڪارون ٿا ڪيون.
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،

مذهبن، فرقہ بندين، نسل پرستين جا عمل،
ڏوهہ ڏهڪاءَ جي دنيا ۾ اَنيائن جا شغل،
مڪتبن، مدرسن، واعظن جي بارگاهن ۾
رهبرن، مرشدن، راهبن جي خانقاهن ۾
عدل جي ڪٽهڙي، ڪورٽن ۽ ڪُل ني ٿاڻن ۾
مجلسن، ادبي نشستن، پرين بازارن ۾
جرم، جنسيات ۽ طبقاتي موضوعن ڪانسواءِ،
ڪي بہ اخلاق نہ اِدراڪ جا افڪار رهيا.
گفتگوئن جا سليقا نہ ئي معيار رهيا،
ايشور، الله ۽ پرڀوءَ جي پريچائن ڪي،
عيدگاهن يا نمازن جي هڙني خطبن ڪي،
مطلبي مقصدن سان مادي ترجمانيون ڪري،
شرح، تفسير، حديثن جون پنيرايون ڏئي،
اُولاَاَمرن جي حوالن سان منحرف ڪوئي،
فاسقن، آمرن، فسطائين جي ٽولي هٿان،

* آشرم: مذهبي عبادت جي جاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مور ماڻهن کي هو مذڪور مِٽائيندا رهيا.
تيل ڪٽڇين يا ڪ گهاڻن ۾ پيڙائيندا رهيا.
ڪوڙ سُقراط ۽ منصور مارائيندا رهيا.
اهڙن عملن جون اسان دل سان ڏڪارون ٿا ڪيون،
همسفر هل ته هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون.

ڪيتريون عشق ڪهاڻيون ڪتابي ورقن تي،
ڪي رقم ٿيون ته ڪي راوين وٽان رهجي ٻه ويون.
وارتائون، جي اِدارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون،
دوستيون جن کي ڪي پوريون نه پذيرايون مليون،
موقعي مهلن جا ڏگها عرصا انتظار ڪندي،
سنگسارين ۽ سزائن جي وَرِ چڙهي ٻه ويون،
خنجرن، تيز ڦَرن، گولين تيزابن سان،
ڪيترا اُجرا جسم ڪارا ڪري ماريا ويا.
لاش! جن جا نه تڏا ۽ نه عذر خواهيون ڪجن،
فاتحائن نه ڪو ڪفنن جون پريشانيون ڪين،
ڪيڏارن، مرثين، آهن نه ڪو اوسارن ۾ [1]
وصل، [2] ورچڻ نه ويڇوڙن جي ڪن ٻه ڳانن ۾
آدِ، يا لانگ-پلي اوپيرا نه ٿيٽر ۾
عالمي حقن جي خبرن نه پڌرنامن ۾
ڪوڙ المين جو نه چرچو نه ڪو پڙلاءُ رهيو

[1] روئڻ ۾ پارَ ڪيڻ
[2] ڪڪِ ٿيڻ، خفي ٿيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن وفائن جو ڪنهين جاءِ نہ ورجاءُ رهيو
تن سچائين جون سچي عمر سنيارون ٽا ڪيون.
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٽا ڪيون،

هاريي واري حياتيءَ جي المناڪ ڪٿا،
بدنصيبين ۾ ٻڪن وارا ڪربناڪ قصا،
هڪ پنهنجي ڪيت ٻيو حالات ڪي سانَهَر ڏيندي،
عمر سنوتن جي سودائن ۾ گذاريندي رهي،
سُک جو ڳولائو اُميدن جي ڊگهين ٻارين ۾
خودفريبين جا زمينن ۾ ٻيجارا پوکي،
ٻوه پارن ۾ آواندن کي واهوندن جو اُتي،
ڳنڍَ ڏيندو تہ ڪڏهن ڳنڍَ ورائيندو وتي،
ٻيهي تي ليٽندي گرمين جي رجيل راتين ۾،
باکَ جا شعاع بعضي پنهنجا پڪل ڪيت ڏسي،
جهار هڪليندي پريان ايندي جي آهٽ کي ٻُڌي،
ٽِکَ ٻڌي ٽمڪندڙ تارن جي قطارن کي ڳٽي،
ڏيءَ جي ڏاجي تہ ڪڏهن ليپي جي لاڳت جوڙي،
ول کي وائريندي ڊگهيون آسون اُڏاريندو رهي.
ديري جي واهتن، ڪٽتن جا انتظار ڪتي،
نيٺ ٻنٽيءَ ۾ اڳئينءَ رهت جا وياج ڏئي،
هيلوڪي ياڻ ۾ ٻج واري رخت ساڻ ڪنيون،
خالي ٻاچڪن ۾ سُچائين کي وجهي روئي چوي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُکين پهرن جو سڌون پاڻ اجايون ٿا ڪيون.
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،

ڪاپڙين، ڪوہ ڪشالن ۽ سنياسن جا سفر،
هنگلاجن جي لَڪن، پاهڻن، پنڌن جون پِٿون،
جوڳين جي ساز سرودن، ڏُٽن، ڏهاڳن جون،
ڪِينرن، ناد نفيلن، دفن،* دمامن جون،
پالوا واريون پٿون، ساڏوهين جون ساروٽيون،
جوڳ، ويراڳ، وڇوڙي، وطن جا اوسارا،
بروي، رپ، رامڪليءَ، يمن آسا، راڻي جا،
سسئيءَ، سهڻيءَ، سورٺ، ليلا، سُر حسينيءَ جا،
ڪاپائتي، ڪيڏاري، ڪاموڏ، ڪارايل جا قصا،
ڪربلا جهيڙيندي آلِ رسول- جو قضيو
ميگهہ ملهار تتر، تاڙي، ابر آگم جون،
هِيرَ، هُبڪارَ وَڳَرَ، ويسَ، سُکَ سانباهن جون،
ماٽڪن، سمنڊ سيواڪن، [2] ڪائر جون خوشحاليون،
اوسيئڙن، بندرن، وڻجن ۽ واپارن جا ذڪر،
ساري عالم سميت، سنڌ سڪاريءَ جا فڪر،
پيٺ ڏٺي تنهنجي ڪاهوڙين جون ڪيڪارون ٿا ڪيون،
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،

---

* سازن جا قسم
[2] ترجو حصو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي سيه فام نسل وارا مٽيءَ جا پُتلا،
منڊيلا، مارٽن لوٿر، يا غزنوين جا اياز
دل ۾ بي- لوث وفادارين جا ڪوڙ ڪنيون،
حڪمرانن جي ڳُڏن سياه ڪارنامن کي،
بادشاهت جي غرورن ۾ ڪيل گناهن کي،
جانشينن جا جرم، شوق شاهزادين جا،
شاهي محلن جي ڪنيزن يا حرم خانن جا،
نيرين روشنائين بعضي بلوطي پاچن جا،
ڪي سچا عشق ته ڪي داستان عياشين جا،
پنهنجن سينن ۾ ڪنيون پنهنجي زبانن کي سبيون،
ڪنهن به مؤرخ نه فاتح جي دٻدٻن کان ڊنا،
*مسعود محمود، *قصوريءَ جهڙا ٻاڪو نه ٻڌيا.
حبشين جهڙيون اسان ڪاٽي سچائيون ٿا ڪريون،
همسفر هل ته هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،

بعضي اونداهه بعضي ضوفشان اُجالن مان،
احتسابن جي زوالن ڪڏهن عروجن مان،
فاتحن، جابرن تاريخي *قزاقن جي هٿان،
ڪڏهن شڪست ڪڏهن جيت ڏياريندي رهي،

* 1+2 ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي ڪيس جو اهم شاهد ۽ ساڳئي ئي ڪيس جو مکيه سرڪاري وڪيل
* ڌورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئري دفنايون، ڪنهن کي ماريون جياريندي رهي،
هيءَ متي چا چا عجب رنگ ڏيکاريندي رهي،
زلزلن، آتشي جبلن جي زهري مادن سان،
سيلابي وهڪرن، دريا جي رُخ متائڻ سان،
روز تهذيبون جوڙي روز مٽائيندي رهي،
وقت جي لاهين چاڙهين مان اُڪاريندي رهي،
هي متي چا چا عجب رنگ ڏيکاريندي رهي،
برپٽن، باغيچن گهاٽين ڇدين آبادين جا.
نرم، مضبوطُ ڪُره ارض جي وجودن جا،
ڪِولين هاٽين، پٽڻن، وڻن، پهاڙن جا،
ڪڏهن اُکوڙيون ڪڏهن پير کپائيندي رهي،
پيٽ ڄاون کي جنم ڏيندي، اُجاڙيندي رهي،
پنهنجي وارثن کان ڪئي امتحان وٺندي رهي،
هيءَ متي رنگ ڪڏهن ڍنگ ڏيکاريندي رهي،
ڪي ڏڙا ورثا ڪري قومي تحفظ ۾ ڏيون،
ميوزمن وارا خفا نسل جي ذمي سونپيون،
بانورجي استوپا جي آس پاس ليٽي رهي،
ڪيس چا پَهر تہ ورثن کي سنڀاليندي اسين،
هن عجوبن جي افاديت کي ڏڪاريندي اسين،
سندس صدين جا يادگار پوري خاڪ ڪري،
سمگلرن سان نواردات جا واپار ڪري،
سوداگرين جي هوس ۾ وفائون عاق ڪري،
قومي ڪردار جون، پئسن جي لالچن ۾ اچي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجرمن وانگي اسين روز لتاڙون ٿا ڪيون.
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،

گونگي پولار جي سيني ۾ صدين جون چيخون،
آٿتن وارا ڪفن پايون دفن ٿينديون رهيون،
رومين، تاتارين، چنگيزي جشن گاهن جا،
نازين، توڙي فرنگين جي قيدي ڪيمپن جا،
خوني شينهن جي ڳياڙين، مِرُن جي پيٽن مان،
ڳاڙهين آنڊين، ڪاري پاٽيءَ جي انڊين وادين مان،
روز مجبور غلام جا گذر ٿيندا رهيا،
بي گناهن جون لهوءَ منجهہ لوواڙيل پوٽيون،
بنديخانن جي ديوارن تي ريڳاڙيل پوٽيون،
سرخ ماسن جا ٽُڪر قاتلن جا داغ ڪنيون،
ڦرڪندڙ عضوا سفاڪيت وارا سُراغ ڪنيون،
ونحن* اقرب اليه اعتباريءَ ۾
قالو بليٰ وارن قولن جي پاسداريءَ ۾
پنهنجي ”تذليل“ جا اسباب پچائيندا رهيا،
روئي خالقَ کي چَوَنِ ڪهڙيون خطائون ٿا ڪيون!؟
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،

---

* قرآن شريف جي آيت جنهن ۾ پروردگار جو ساهہ کان ويجهو هئڻ جو ذڪر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اولمپڪ، آسڪَر، تفريح واريون تقريبون،
سونهن سرسين جا جهميلا، حسين نارين جا جسم.
عيد، ميڙن يا دسهڙن جا ڍُهل دمباها،
موسمن بدلجڻ، ڪِنِ صحتيابين جون خوشيون،
راڪين جي ٻَڏڻ يا سفرن جي اُسهڻ جا ضامن،
هولين جون رونقون، رنگن جون ڏنڪ ڏارائون،
ڏوڪلي راند، ڏِڻن، ڏياتين، ڏيارين جا جشن،
شادين، طوهرن جون ٻُڪيون، جهمريون ڇيڇ شرنايون،
جنم موقعن يا عقيقن جون عجب آسيسون،
ويلنٽائين ڏهاڙن جا وچن، ورجاٽيون،
سرڪسن، ڪارنيوالن ۽ چوڏيلن جا مزا،
سال جي آخري سورج جي الوداعي رسم،
يارين باشين جي گشَن، ٻاڙ ٻُشن جا ميلا.
چنڊ راتين جون چوياريون ۽ دوستين جا نشا،
او ويَل ويل! تنهنجيون روز تنوارون ٿا ڪيون.
همسفر هل تہ هلي چنڊ جون ڦارون ٿا ڪيون،
ڪي ٻِيا نان تہ ڪي گهر جون ديوارون ٿا ڪيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وہ پارسا کب جنم لے گا؟

شب گذر جائے گی آؤ گے تو کیا پاؤ گے۔
بام و بالیں پہ تب تک نہ چراغاں ہونگے۔
نہ کسی آس کے تارے نہ قمقمے ہونگے۔
نہ کہنہ شہر کی گلیوں میں زندگی ہوگی۔
بدنصیب آنگنوں کا بے در و دیوار وطن،
جن میں کچھ باقی اقربا، عزیز لاشوں کے،
ہاتھوں پاؤں کو سمیٹے سسک رہے ہونگے،
یا کسی ملبے تکے آخری سی سانس لئے،
کتنی معصوم تتلیاں تنوں سے لپٹی ہوئیں،
B-52 کے بارودوں، جنگی جہازوں کی،
گھن گرج میں ہی گھٹی چیخیں مر گئی ہونگی،
اینٹ سے اینٹ بجادی گئی فصیلوں پر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زرد، ویران جلے دشت اور پہاڑوں پر،
ڈوبتی شام کے معدوم منقسم سائے،
لہولہاں سی گلیوں میں اُبلتی دھوپین،
اور یہ پتھرائی ہوئی آنکھیں، ہوائیں، موسم،
جن کے سرہانے میں نے عمر بتادی جاناں۔
کتنے جنموں سے تیرے لمس کے تانے بُن کر،
عشق، ادراک، وفا، فہم کے فریضے لئے،
پارساؤں کے دہرم شالوں، خانقاہوں سے،
شہنشاہوں کے حرم خانوں، عیش گاہوں سے،
توہم پرست، تنزل نژاد قوموں سے،
ننگے روحوں کے، نوالوں سے تن چھپاتی رہی،
ان گنت صدیوں سے اب تک کے ریگزاروں میں،
تیری سانسوں کی مہک تیری وجیہ میں کھوئی،
تیری روداد، تیری آرزو میں پھرتی رہی،
تیری سرگوشیوں کی سرسراہٹیں سن کر،
تیرے واعدے پہ اپنی کوکھ کو بچاتی رہی،
کیونکہ اک بار تم نے نینوا کی وادی میں،
دجلہ و فرات کنارے بابل کے گلیوں میں،
یاد ہے تونے کہا تھا کہ اے حوازادی
میں تیری کوکھ سے اک پارسا جنم دونگا
جو نسل، اونچ نیچ، ذات پات رسموں کو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمرون، فاتحون، فاشسٹوں اور فرعونوں کو،
خون کی ہولی مناتے ہوئے ملعونوں کو،
حوس کی آگ میں گوندہے حقیر لوگوں کو،
ظلم کی آندھیوں، اَنیاء کے بگولوں کو،
اپنی للکار سے اُٹھیگا لرزاں کردیگا،
اپنے پیشواؤں کی ساری صداقتیں لے کر،
خدائے ذوالجلال کی وسیع دنیا کو،
اس جلتے گولے کے آتش فشان دہانے کو،
ہمارااا سورما بیٹا سُورگ کردیگا،
دہکتی دنیا کی آتش کو ماند کر دیگا،
یاد ہے تونے کہا تھا کہ اے حوازادی،
میں تیری کوکھ سے اک پارسا جنم دونگا۔
اور میں تیرے اُسی واعدے کے سہارے پر
ڈھلتے جوبھن کی سِسکتی سُلگتی راتوں میں
سَارے ارمان دبائے اُونچے منڈیروں پر،
اندلس، روم" فلورنس کی ڈہلانوں پر،
قصرالحمرا، آگرہ، کبھی احراموں پر،
ٹوٹی تلواروں، زرہ بند، چھلنی سینوں پر،
ہیروشما تو کبھی بصرہ کے مکینوں پر،
آگ بارود کے ڈھیروں شکستہ ٹینکوں پر،
کھیتوں، سڑکوں پہ سڑی سینکڑوں سی لاشوں پر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوکھی پیاسی سی وہ ہی کوکھ لئے پھرتی ہوں۔
دشت سے آتے ہوئے شہسوار لوگوں کو،
تیری شبیہ جیسوں ساروں ہی نرینوں کو،
اپنی دہلیز و دوارے پہ سر جُھکائے ہوئے۔
نو واردوں کو بڑی حسرتوں سے تکتی ہوں،
کہ کب کو تو یا تیرا کوئی پیامبر پہنچے،
جو یہ بتائے کہ میں اپنی اس جوانی کو۔
تیری آنے کی اُمیدوں پہ کب تلک رکھوں،
تو بتادے کہ وہ کب پارسا جنم لے گا،
کب میری کوکھ، وفاؤں کے تبرکات لئے،
اپنے اُس عہد ساز تخم کو جنم دے گی۔
جو ان جھلستی ہوئی وادیوں کی گلیوں کو،
ماؤں، بہنوں یا بیواؤں کے رِستے زخموں کو،
وہ مسیحا کی طرح مرہمیں لگائیگا،
ان گنت بوکھے بلکتے یتیم بچوں کے،
کب آنسو پونچھیگا، کب ان کا مداوا ہوگا؟
میں نے مانا کہ تم عہد کی تجدید لئے،
میری اس والہانہ آس کی مدارت کو،
میری تسکیں کو کبھی لوٹ کر تو آؤگے،
صرف اک ڈر ہے کہ تب تک نہ ایٹمی روحیں،
اپنے خونخوار شکم سیری کے ارادوں سے،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اس کُرہِ ارض کو اپنا نہ نوالہ کردیں،
اور میرے ہمنشیں میں اپنی کفِ تاسف کو،
اس ہزیمت کو کسی زود و پشیمانی تلک،
عین ممکن ہے کہ اک بار بھی لے جا نہ سکوں۔
میں جلی دنیا کی اُس خاک کو چٹکی میں لئے،
تیری دہلیز تلک، مانگ سجانے کو کبھی،
یا کہ مژگاں کا لہو رنگ دکھانے کیلئے،
میرے محبوب تیری پاس کبھی آ نہ سکوں۔
ہاں مگر تم جو کبھی صدیوں کے دورانے میں،
بھولی بسری ہوئی یادوں کی گذرگاہوں سے،
پھر کسی دن میرے ملنے کو اگر آؤ گے،
شب گذر جائے گی آؤگے تو کیا پاؤ گے۔
بام و بالیں پہ تب تک نہ چراغاں ہونگے۔
نہ کسی آس کے تارے نہ قمقمے ہونگے۔
نہ کہنہ شہر کی گلیوں میں زندگی ہوگی۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپايل ڪجهه يادگار ڪتاب:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | ٻپهريءَ جا ٻه پل (آتم ڪٿا) | ريتا شهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (2) | بارش سوچي ٿي (نثري ٽڪرا) | ايوب کوسو | (ختم ٿيل) |
| (3) | جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي | ادريس جتوئي | 100/_ |
| (4) | رشتن جو رقص (ڪهاڻيون) | ريتا شهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (5) | زندگي هڪ وار وري (شاعري) | شريڪانت صدف | 150/_ |
| (6) | ميگهه ونس اتهاس (تاريخ) ڇاپو_2 | تيرٿداس اُميداڻي | 280/_ |
| (7) | ڪوتا _ ڦلواڙي (شاعري) | ولي رام ولڀ | 200/_ |
| (8) | در کُليو ئي رهيو (ريڊيائي افسانا) | امين ارباب | 150/_ |
| (9) | سنڌو لکت جي ياچ (تاريخ) | عطا محمد ڀنڀرو | (ختم ٿيل) |
| (10) | ووڙيم سڀ وٿاڻ (مهر جوئي) | اشتياق انصاري | (ختم ٿيل) |
| (11) | پاڻ هُر تڙيون مايون (ناول) | گوبند خوشحالاڻي | 120/_ |
| (12) | جيجي (فن ۽ شخصيت) | مرتب: نصير مرزا | (ختم ٿيل) |
| (13) | منڙا پاءِ (ڪهاڻيون) | ولي رام ولڀ | 180/_ |
| (14) | The Glorious Past | Dr. Kazi Khadim | 400/_ |
| (15) | گيتا ٻوڌ (ڌرمي پُستڪ) | مهاتما گانڌي | 60/_ |
| (16) | ٿي نہ سگهيس شاعر (شاعري) | نصير مرزا | 150/_ |
| (17) | ميري شاعري ميري صليب | شيخ اياز | 75/_ |
| (18) | شهيدن جي علمدار (بينظير ڀٽو تي شاعري) | قاضي اياز مهيسر | (ختم ٿيل) |
| (19) | شاهه جو گنج (شاهه لطيف جا بيت) | سهيڙيندڙ: سگهڙ الهداد جنجهي | 1000/_ |
| (20) | اڪٽ ڪهاڻي _ ڪبير (ناول) | ريتا شهاڻي | 140/_ |
| (21) | سفر در سفر (سفرنامو) | ريتا شهاڻي | 250/_ |
| (22) | اوڪا پنڌ پيار جا (ناول) | ڪلا پرڪاش | 150/_ |
| (23) | سامي سِچ وڙاءِ (ناول) | مراد علي مرزا | 300/_ |
| (24) | اُجهاميو ٻرن (ڪهاڻيون) | ماڪن شاهه رضوي | 250/_ |
| (25) | سنڌو تهذيب ۽ سنڌو ڌرم جا.. (تاريخ) | عطا محمد ڀنڀرو | 250/_ |
| (26) | گورک: فطري حُسن جو تفريحي ماڳ (سياحت ۽ تاريخ) | اشتياق انصاري | 240/_ |
| (27) | دل جي دفتر مان (ساروڻيون) | قاضي خادم | 450/_ |
| (28) | سائل ڪوش (سنڌي _ سنڌي لغت) | پروفيسر سترامداس سائل | 650/_ |
| (29) | ائين ڀلا ڪيئن هوندو؟ (مضمون) | عبدالقادر جوڻيجو | 140/_ |
| (30) | ساروڻيون (يادگيريون) | قاضي خادم | 350/_ |
| (31) | چنڊ چهرا (خاڪا) | ماهتاب محبوب | 250/_ |
| (32) | سچ جي ڳولا (تصوف ۽ انسانيت) | ٽيڪم مٽائي | 150/_ |
| (33) | هلي ڏسجي هندوستان (سفرنامو) | الطاف شيخ | 450/_ |
| (34) | ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي | ترتيب: مختيار احمد ملاح | 300/_ |
| (35) | Gorakh: Beautiful Resort of Sind | Ishtiaq Ansari | 300/_ |
| (36) | اندر روح رهيام (يادگيريون) | قاضي خادم | 350/_ |
| (37) | رُوبرو (جيون سنبنڌي مضمون) | ريتا شهاڻي | 150/_ |
| (38) | پتڻ جون پُڪارون (شاعري) | ع.غ. تبسم | 200/_ |
| (39) | پير اڃا مون پنڌ ۾ (يادگيريون) | قاضي خادم | 500/_ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



”غفار: توهان هڪ
جيڏن ۽ هممعصرن ۾ منفرد
شاعر تہ آهيو ئي، پر سُريلا
بہ ڪيڏا نہ آهيو! پانئيان
ٿو زندگيءَ ۾ جن هممعصر
شاعرن جو سٿون تنهائي ۾
مون ڪڏهن جهونگاريون
آهن، توهين انهن ۾
سَرفهرِست آهيو ۽ علاوه
ازين شاعريءَ ۾ توهان جا
موضوع، لفظ، استعارا
تشبيهون ۽ سليقي سان
اِنهن جي اُٽڪاري... مان
دل سان ٿو چوان، اِهي سڀ
شيون جهڙوڪر اڄ گواهي
پيون ڏين تہ توهان
جو فن... ادب جي دنيا ۾
توهان کي سدائين سرخرو
۽ هميشہ سربلند رکندو
ايندو ’انشاالله‘“

نصير مرزا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ISBN: 978-969-9329-18-0

Price: Rs. 200-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu